Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

www.dailysindhyar.com

NTN 4129440-8

ڪراچي

جلد :12 | خميس 21 ڊسمبر 2023ع بمطابق 07 جمادي الاثاني 1445ھ | شمارو:71 | قيمت 10 روپيا

غزه ۾ انساني همدردي ۽ خطي ۾ جٽادار امن لاءِ 2 رياستي حل جو نفاذ ضروري آهي: : جنرل عاصم منير

پاڪستان بلاڪ پوليٽڪس ۾ يقين نه ٿو رکي: آرمي چيف

پاڪستان دهشتگرديءَ خلاف ويڙهه ۾ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن، پاڪستاني عوام جي حمايت سان آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين اها جنگ جاري رهندي

ڪشمير بين الاقوامي طور تسليم ٿيل تڪرار آهي، ڪو به هڪ طرفو قدم ڪشميري عوام جي خواهشن جي خلاف هن تڪرار جي نوعيت کي تبديل نه ٿو ڪري سگهي

پاڪستان ڊگهي مدي وارن ٻطرفن لاڳاپن ذريعي آمريڪا سان مضبوط لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي

آرمي چيف آمريڪا ۾ ناليوارين ٽنڪ ٽينڪس ۽ ميڊيا سان خصوصي ڳالهه ٻولهه دوران علاقائي، سلامتي ۽ بين الاقوامي دهشتگردي بابت پاڪستان جو موقف پيش ڪيو : آءِ ايس پي آر

آرمي چيف جنرل عاصم منير جون آمريڪي دوري دوران سياسي ۽ عسڪري قيادت سان ڳالهيون مثبت رهيون

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته پاڪستان بلاڪ پوليٽڪس ۾ يقين نه ٿو رکي، پاڪستان دهشتگرديءَ خلاف ويڙهه ۾ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن، پاڪستاني عوام جي حمايت سان آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين اها جنگ جاري رهندي آرمي چيف جنرل عاصم منير آمريڪي ٽنڪ ٽينڪس ۽ ميڊيا سان ملاقات دوران ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان بلاڪ پوليٽڪس ۾ يقين نٿو رکي، دهشتگردي خلاف جنگ جاري رهندي، آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف آمريڪا ۾ ناليوارين ٽنڪ ٽينڪس ۽ ميڊيا سان خصوصي ڳالهه ٻولهه دوران علاقائي، سلامتي ۽ بين الاقوامي دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

آرمي چيف جنرل عاصم منير آمريڪي ٽنڪ ٽينڪس ۽ ميڊيا سان ملاقات دوران ڳالهائيندي

تحريڪ انصاف جو اڳواڻ شير افضل مروت لاهور ۾ نواز شريف سان مقابلو ڪندو

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جو اڳواڻ شير افضل مروت لاهور ۾ نواز شريف سان مقابلو ڪندو، جڏهن ته لطيف کوسا ن ليگ اڳواڻ اياز صادق سان مقابلو ڪندو ناميارو صحافي معظم نخر جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ فيصلو ڪيو آهي ته ناميارو وڪيل سلمان اڪرم راجا ن ليگ جي سعد رفيق سان مقابلو ڪندو، جڏهن ته صوبائي ٽڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نواز شريف چونڊن کان پڇڙ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر تي حملا شروع ڪيا آهن: اعتزاز احسن

لنڊن ۾ طئي ٿيل منصوبي موجب اليڪشن ان ئي تاريخ تي ٿيندي جنهن تي نواز شريف چاهيندو

بار ايسوسيئيشنز ۽ ڪائونسلز نون ليگ جي اشاري تي چيف اليڪشن کي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

چيف اليڪشن ڪمشنر خلاف مهم هلائڻ پٺيان اعظم نذير تارڙ ۽ نواز شريف جو هٿ آهي

اسلام آباد: سينيٽر قانونڊان ۽ وڪيل اعتزاز احسن ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) سينيٽر قانونڊان ۽ وڪيل اعتزاز احسن الزام هنيو آهي ته نون ليگ ۽ نواز شريف چونڊن کان پڇڙ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر تي حملا شروع ڪري ڏنا آهن. لنڊن ۾ طئي ٿيل منصوبي موجب اليڪشن ان ئي تاريخ تي ٿيندي جنهن تي نواز شريف چاهيندو، بار ايسوسيئيشنز ۽ ڪائونسلز نون ليگ جي اشاري تي چيف اليڪشن کي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو آهياسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اعتزاز احسن چيو ته اليڪشن ڪميشن اعظم نذير تارڙ جي تڪ واري ضلعي حافظ آباد کي هڪ قومي سيٽ ڏني، ساڳي آبادي واري ضلعي جهلم کي 2 سيٽون ڏنيون ريٽرننگ اليڪشن ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جي يو آءِ پاران چونڊ شيڊول ۾ ترميم جو مطالبو

جي يو آءِ جي سينيٽر ڪامران مرتضيٰ چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط لکي ڇڏيو

سپريم ڪورٽ جي حڪم تي اليڪشن ڪميشن طرفان عام چونڊن جو شيڊول جاري ڪيو ويو : خط جو متن

نامزدگي ڪاغذن جي وصولي لاءِ 3 ڏينهن جو اضافو ڪيو وڃي : سينيٽر ڪامران مرتضيٰ

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) اليڪشن ڪميشن کان چونڊ شيڊول ۾ ترميم جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. جي يو آءِ جي سينيٽر ڪامران مرتضيٰ چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط لکيو آهي جنهن ۾ اليڪشن ڪميشن کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ اضافي ڪيو وڃي: ايم ڪيو ايم

نامزدگي ڪاغذن جي لاءِ 20 کان 22 ڊسمبر تائين جو وقت ڏنو وڃي : ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي

نامزدگي ڪاغذن جون گهرجون ڊگهيون هجڻ سبب تاريخ وڌائي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان به عام چونڊن جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ اضافي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي چيف اليڪشن ڪمشنر کي درخواست ڏيندي ڪاغذ جمع ڪرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اڌارتي غذائي ڪوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيترائي قدم کڻي پئي: آغا فخر

فوڊ سسٽم ڊيش بورڊ ڪيترن ئي ذريعن کان ڊيٽا گڏ ڪري فوڊ سسٽم جو مڪمل نظام پيش ڪري ٿو

اسٽيڪ هولڊرز چيلنجز جي نشاندهي جي باري ۾، غذائيت، صحت ۽ ماحولياتي نتيجن کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدمن جي نشاندهي ڪري سگهندا

غذائيت جي ڪوٽ ۽ خوراڪ عدم تحفظ گهٽ ترقي يافته ملڪن جو وڏو مسئلو آهي : ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اڌارتي پاران ورڪشاپ کي خطاب

اسلام آباد: جسٽس اطهر من الله سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اڌارتي آغا فخر حسين مقامي هوٽل ۾ منعقد ورڪشاپ ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسٽيبلشمينٽ جي 8 فيبروري تي چونڊن کان پاڻ، آمريڪا کي مڃائڻ لاءِ جتن

اسلام آباد(م ڊ) پنجاب ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ لڪ لڪوٽي جاري آهي، فوجي اسٽيبلشمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

نگران وڏي وزير مقبول باقر پاران اسلام ڪوٽ ۾ اسڪول ۽ اسپتال جا دورا

نگران وڏي وزير هائيئر سيڪنڊري اسڪول جي دوري دوران شاگردن کان انگريزي ۾ مختلف سوال ڪيا

آئون شاگردن جي قابليت ۽ استادن جي پڙهائي مان مطمئن نه آهيان : مقبول باقر

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) نگران وڏي وزير مقبول باقر پاران اسلام ڪوٽ ۾ اسڪول ۽ اسپتال جا دورا، نگران وڏي وزير هائيئر سيڪنڊري اسڪول جي دوري دوران شاگردن کان انگريزي ۾ مختلف سوال ڪيا نگران وڏي وزير جو چوڻ هو ته آئون شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پاڙيسري چنڊ تي پهچي ويا، اسان زمين تان نه پيا اٿي سگهون: نواز شريف

جسٽس شوڪت کي چيو ويو ته اسان کي ضمانت نه ڏيڻي آهي

منهنجي جڳهه تي اهڙي شخص کي آندو ويو جنهن اچي خوشحال ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو

لاهور: (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف چيو آهي ته اسان جو پاڙيسري ملڪ چنڊ تي پهچي ويو پر اسان اڃان تائين زمين تان نه پيا اٿي سگهون. جسٽس شوڪت کي چيو ويو ته اسان کي ضمانت نه ڏيڻي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

بجلي واهپيدارن لاءِ ٻُري خبر، سڄي ملڪ ۾ بجلي مهانگي

نيپرا سڄي ملڪ ۾ بجلي هڪ رپيو 15 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

بجلي جي اگهن ۾ واڌ پهرين ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي

واهپيدارن کي واڌو ادائيگيون جنوري کان مارچ 2024 تائين ڪرڻيون پونديون : نيپرا

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي ايراني هم منصب سان فون تي ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) بجلي واهپيدارن لاءِ ٻري خبر آهي ته سڄي ملڪ ۾ بجلي مهانگائي ڪئي وئي آهي. نيپرا سڄي ملڪ ۾ بجلي هڪ رپيو 15 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڊي سي ڏڪڻ جي عوام کي خوشخبري، ڪراچي ۾ پهريون عالمي ثقافتي ڪاڏن جو ميلو لڳندو

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏڪڻ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو ڪراچي ۾ ڪاڏن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي يونيورسٽي جي ڪي ايس پي پاليسي خلاف سنڌي شاگرد سٽ جو احتجاج

وي سي ۽ انتظاميا جي خاطرين باوجود سنڌي شاگردن جي رستا روڪ بند ناهي ٿي سگهي : سنڌي شاگرد سٽ

ڪراچي يونيورسٽي نالو اوپن ميرٽ جو ڏئي ٿي پر ميرٽ جو جنازو ڪڍيو ٿو وڃي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شاگرد سٽ طرفان ڪي ايس پي پاليسي خلاف ڪراچي پريس ڪلب سميت مختلف پريس ڪلبن تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. سنڌ شاگرد سٽ طرفان چيو ويو آهي ته وي سي ۽ انتظاميا جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سپريم ڪورٽ تڪبندين خلاف پڌٽي کان انڪار ڪندي لڪت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

اليڪشن ۾ دير نٿا چاهيون، تڪبندين جو معاملو چونڊن کانپوءِ ڏسندا سين: سپريم ڪورٽ

جيڪڏهن هن وقت معاملو ڏٺو ته ڪيسن جي ٻوڏ اچي ويندي، جنهن سان چونڊ شيڊيول متاثر ٿيندو، سياسي ڪارڪنن ۽ ووٽرن جا بنيادي حق متاثر ٿيندا ۽ اسان چونڊن ۾ دير نٿا چاهيون

آئين ۾ هڪ جج جو ڪردار جمهوريت ۽ آئين جي محافظ جو آهي، آزاد ۽ شفاف چونڊن سان ئي جمهوريت برقرار رهندي آهي، چونڊن بنا حڪومت کي جمهوري حڪومت نٿو چئي سگهجي

وقت تي آزاد ۽ شفاف چونڊون حقيقت ۾ آئيني جمهوريت آهي، چونڊن سان عوامي راءِ جو احترام ٿيندو آهي، قيادت عوام سامهون جوابده هوندي آهي

چونڊن ۾ دير يا چونڊن بابت ڪيسن ۾ دير سان چونڊ عمل ۽ جمهوري نظام تي عوامي اعتماد متاثر ٿيندو آهي، سياسي ماحول عدم استحڪام جو شڪار ٿيندو آهي

تڪبندين خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي ته چونڊ شيڊيول متاثر ٿيندو، جيڪڏهن تڪبندين بابت درخواستون ٻڌيون ته ڪيسن جي ٻوڏ اچي ويندو : جاري ڪيل فيصلي جو متن

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ تڪبندين خلاف ٻڌڻي کان انڪار ڪندي لڪت فيصلي ۾ چيو آهي ته جيڪڏهن هن وقت معاملو ڏٺو ته ڪيسن جي ٻوڏ اچي ويندي، جنهن سان چونڊ شيڊيول متاثر ٿيندو، سياسي ڪارڪنن ۽ ووٽرن جا بنيادي حق متاثر ٿيندا ۽ اسان چونڊن ۾ دير نٿا چاهيون، جنهن ڪي منصور علي شاهه لکيو آهي، جنهن ڪي سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پشاور: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ ڪانووڪيشن تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

نواز شريف عام چونڊن لاءِ نامزدگي ڪاغذ حاصل ڪري ورتا

اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف اين اي 15 مانهسرا مان چونڊ وڙهندو : ڪيپٽن صفدر

نواز شريف مانسهرا مان ايم اين اي ٻڌجي چوٽون پيرو وزيراعظم ٻڌجندو

لاهور (م ڊ) ن ليگ قائد نواز شريف نامزدگي ڪاغذ حاصل ڪري ورتا. هن مانسهرا مان قومي اسمبلي جي تڪ اين اي 15 لاءِ نامزدگي ڪاغذ حاصل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پارٽ ۾ طوفاني برسات، 10 ڇڻا فوت

گذريل 2 ڏينهن کان رياست جي ڏاڪڻين ضلعن ۾ شديد برسات رڪارڊ ڪئي وئي

ترونل ويلي ۽ ٻين ضلعن ۾ برسات دوران پٽيون ڪرن ۽ ڪرنٽ لڳڻ جا واقعا به پيش آيا

نئين دهلي (م ڊ) پارٽي رياست تامل ناڊو ۾ طوفاني برساتون جاري آهن جنهن دوران حادثن ۾ 10 ڇڻا فوت ٿي ويا. پارٽي ميڊيا موجب گذريل 2 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور هاءِ ڪورٽ جي نگران وزيراعظم کي هٽائڻ جي اپيل ٻڌڻ کان معذرت

جسٽس عابد عزيز شيخ جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي

بئنچ ٻڌڻي کان معذرت ڪندي فائل ٻيهر چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ کي موڪلي ڇڏيو

لاهور (م ڊ) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ انٽرا ڪورٽ اپيل تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي ٻه رڪني بئنچ ٻڌڻي کان معذرت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

حڪومت مختلف سيونگ اسڪيمن جي منافعي ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏي

اسپيشل سيونگ سرٽيفڪيٽ جو منافعو 18 سيڪڙو مان گهٽائي 16.4 سيڪڙو ڪيو ويو

شارٽ ٽرم سيونگ سرٽيفڪيٽ جو منافعو 21.72 سيڪڙو مان گهٽائي 20.80 سيڪڙو ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت مختلف سيونگ اسڪيمن جي منافعي ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏي. اسپيشل سيونگ سرٽيفڪيٽ جو منافعو 18 سيڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

شاداب خان پنجاب پوليس ۾ ڊي ايس پي ٻڌجي ويو

شاداب خان جي آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور سان ملاقات ٿي

ملاقات دوران آل رائونڊر کي اعزازي ڊي ايس پي جا رينڪ به لڳايا ويا

لاهور (م ڊ) پنجاب پوليس قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي آل رائونڊر شاداب خان کي برينڊ ايمبيسيڊر مقرر ڪري ڇڏيو. شاداب خان جي آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: آل رائونڊر شاداب خان جي آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور اعزازي ڊي ايس پي جا رينڪ لڳائيندي

پاڪستان ريلويز طرفان پشاور کان ڪراچي لاءِ عوام ايڪسپريس ٽرين بحال

عوام ايڪسپريس ڪينٽ ريلوي اسٽيشن کان ڪراچي لاءِ روانی ڪئي وئي آهي : ريلوي اختيارين

ٽرين 360 مسافر کڻي 35 ڪلاڪن ۾ ڪراچي پهچندي، پاڙو 4 هزار رپيا مقرر ڪيو ويو

پشاور (م ڊ) پاڪستان ريلويز طرفان پشاور کان ڪراچي لاءِ عوام ايڪسپريس ٽرين بحال ڪئي وئي. ريلوي اختيارين موجب عوام ايڪسپريس ڪينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آمريڪي ڊالر جي اگهه ۾ لاٿ جو سلسلو جاري

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 11 پئسا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 282 رپين 90 پئسن جو ٿي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 25 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 284 رپين 50 پئسن جو آهي

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان ريٽي جي پيٽ ۾ آمريڪي ڊالر رڌيڪ سستو ٿي ويو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل انگن اکرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو جو جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان

محمد خان جوڻيجو ڪنگري هائوس ڪراچي ۾ پيرپاڳاري سان ملاقات بعد جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو

محمد خان جوڻيجو سانگهڙ جي قومي تڪ اين اي 209 تان جي ڊي اي جي ٽڪيٽ تي اليڪشن وڙهندو : ذريعا

ڪراچي (م ڊ) سانگهڙ سان تعلق رکندڙ پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو پاران جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نامزدگي فارم: ذوالفقار مرزا جي فيملي جي 12 جڻن فارم وصول ڪري ورتا

ذوالفقار مرزا، ڊاڪٽر فهميدا مرزا ۽ حسنين مرزا سميت مرزا فيملي پاران 12 فارم ورتا ويا

پ پ ضلعي بدين جي اڳواڻ سڻين بخش جمالي جي پاڻ ۽ آبادگار اڳواڻ شاهنواز خان جمالي به نامزدگي فارم وصول ڪيا

ڪراچي (م ڊ) عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اميدوارن پاران نامزدگي ڪاغذ وصول ڪرڻ ۽ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي تنڊو باگو جي صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بي اين اي جو ڪمانڊر 70 سائين سميت قومي وهڪري ۾ شامل

بي اين اي جو ڪمانڊر سرفراز بنگلزئي 70 سائين سميت قومي وهڪري ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪجهه ماڻهو پنهنجن ڪڏن مقصدن لاءِ بلوچ مائرن، پيئرن ۽ نوجوانن کي رياست خلاف استعمال ڪري رهيا آهن : سرفراز بنگلزئي

پنهنجن ماڻهن ۽ سرزمين کان پري رهڻ تي پڇتائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو ملي، پيا ماڻهو به ان انتظار ۾ آهن ته رياست هنن جي آڇيان ڪري

ڪوئٽا: بي اين اي جو ڪمانڊر 70 سائين سميت قومي وهڪري ۾ شامل ٿيڻ بعد ٻيهر ٻيهر ٻيهر

ڪوئٽا (م ڊ) بلوچستان جي بندش پيل تنظيم بي اين اي جو ڪمانڊر سرفراز بنگلزئي 70 سائين سميت قومي وهڪري ۾ شامل ٿيڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پارٽ ۾ چانهه تان جهيڙو، مڙس زال جو ڳلو ڪپي ڇڏيو

ممبئي (م ڊ) پارٽ ۾ زال مڙس وچ ۾ چانهه ناهڻ تي جهيڙو ٿيو جنهن ۾ مڙس زال جو ڳلو ڪپي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

عمران خان ٽن تڪن تان چونڊ وڙهندو: پي ٽي آءِ چيئرمين جو اعلان

ميانوالي، لاهور ۽ اسلام آباد جي تڪن مان ان جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندا سين : بئريسٽر گوهر

اسان فري اينڊ فيئر چونڊون چاهيون ٿا، اسان جو ڪو اهڙو مطالبو ناهي ته اليڪشن ڪمشنر استعيفيٰ ڏئي

جيڪڏهن 25 ڪروڙ عوام جي حقن تي ڏاڙو هنيو پيو وڃي ته چيف جسٽس کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان ٽن تڪن مان چونڊ وڙهندو، ميانوالي، لاهور ۽ اسلام آباد جي تڪن مان ان جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندا سين. اسلام آباد ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وڏي پئماني تي امپورٽڊ پاڻ ڪراچي پهچي ويو، مافيا ۾ ترٿلو

امپورٽ ٿيل يوريا جي اچڻ سان ئي مارڪيٽ ۾ يوريا جا اگهه گهٽجڻ شروع ٿي ويا

مجموعي طور تي 220,000 ٽن يوريا درآمد ڪئي ويندي

گذريل مهيني اي سي سي منظوري ڏني هئي ، خريداري بين الحڪومتي معاهدي تحت ڪئي وئي

ڪراچي: وڏي پئماني تي امپورٽڊ پاڻ ڪراچي بندرگاهه تي لاٿو پيو وڃي

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ يوريا جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ 50 هزار ٽن درآمدي يوريا سان پريل جهاز ڪراچي بندرگاهه پهچي ويو آهي. امپورٽ ٿيل يوريا جي اچڻ سان ئي مارڪيٽ ۾ يوريا جا اگهه گهٽجڻ شروع ٿي ويا. جڏهن ته يوريا جو ٻيو جهاز 29 ڊسمبر تي ڪراچي پهچندو. اميد آهي ته سمورا جهاز 20 جنوري کان اڳ ڪراچي بندرگاهه تي پهچي ويندا. مجموعي طور تي 220,000 ٽن يوريا درآمد ڪئي ويندي، جنهن جي گذريل مهيني اي سي سي منظوري ڏني هئي. جڏهن ته اها خريداري بين الحڪومتي معاهدي تحت ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته مارڪيٽ ۾ يوريا جي ڪوٽ جو جواز جائيز بليڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

عام چونڊن لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي ليول پليئنگ فيلڊ ڏيڻ جو حڪم

آئين ۽ قانون تحت سمورا ڊپٽي ڪمشنر غيرجانبداري جو مظاهرو ڪن : ترجمان

نگران وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري ۽ چئني صوبن جي چيف سيڪريٽرين کي خط لکيا ويا هئا

هڪ سياسي پارٽي ليول پليئنگ فيلڊ نه ملڻ بابت اليڪشن ڪميشن آڏو خدشن جو اظهار ڪيو هو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن عام چونڊن لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي ليول پليئنگ فيلڊ ڏيڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. ترجمان جو چوڻ آهي ته آئين ۽ قانون تحت سمورا ڊپٽي ڪمشنر غيرجانبداري جو مظاهرو ڪن. اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پيسا رڪڻ تي 40 سيڪڙو حڪومت ڏيندي: بي آءِ ايس پي جي نئين اسڪيم

آءِ ايس پي بچت اسڪيم جو مقصد ماڻهن ۾ مالي خودمختياري ۽ بچت جي عادت پيدا ڪرڻ آهي : ڊاڪٽر امجد ثاقب

بي آءِ ايس پي جي بچت واري اسڪيم تحت 40 پي ايم ٽي اسڪور حاصل ڪندڙ خاندان ۽ فرد مستحق هوندا

اسلام آباد (م ڊ) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام بين الاقوامي ترقياتي پارٽنرز جي ٽيڪنيڪل سهڪار سان "بي آءِ ايس پي سيونگ اسڪيم" شروع ڪري ڇڏي آهي. اسلام آباد ۾ منعقد ٿيل ان تقريب ۾ عالمي بئنڪ، ايشيائي ترقياتي بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڊي جي پي آر سنڌ سنڌ محمد سليم خان اطلاعات ڪاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽس جو دورو

آفيسر ۽ اهلڪار وقت جي پابندي ۽ ذميواري سان ڪم ڪن: محمد سليم خان

اطلاعات ڪاتي جو ڪم اهو آهي ته هو عوام کي سنڌ حڪومت جي سمورن منصوبن بابت ميڊيا ذريعي آگاهي ڏئي

ڊي جي پي آر سنڌ آفيسرن ۽ عملي کان آفيس جي معاملن بابت پڇا ڪئي ۽ موقعي تي ضروري هدايتون جاري ڪيون

ڪراچي: ڊي جي پي آر سنڌ سنڌ محمد سليم خان اطلاعات ڪاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽس جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ ريليشنز (ڊي جي پي آر سنڌ) محمد سليم خان اڄ اطلاعات ڪاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽ جو دورو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

رڪاوٽن، سختين، ڪيسن باوجود بلوچن جي لانگ مارچ جي تونسا ۾ تاريخي آڇيان

ڊيرا غازي خان (م ڊ) تربت ۾ بالاچ بلوچ جي شهادت، گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي ۽ عدالت کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سرڪاري رهائش گاهن جي مرمتي رٿائن ۾ ڪروڙين رپين جو غبن

ورڪس اينڊ سروس ڪاتي جي انجنيئرن 21 جعلي ورڪ آرڊرن تي وڏي رقم ڪيرائي ورتي

سرڪاري گهرن جي مرمتي ڪم ڪرائڻ جو جواز ڄاڻائي 21 جعلي ورڪ آرڊرن ذريعي رقم ڪيرائي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ورڪس ڪاتي ۾ اعليٰ سرڪاري اختيارين جي رهائش گاهن تي مرمتي ڪمن واري منصوبن ۾ مبينا طور جعلي ورڪ آرڊرن تي ڪروڙين روپين جي غبن جو انڪشاف ٿيو آهي. تفصيل موجب ورڪس اينڊ سروس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نگران وڏي وزير پاران اسلام ڪوٽ جي مختلف ادارن جو اوچتو دورو، انتظاميا ۾ ترٽلو

اسڪول، اسپتال ۾ سهولتن ۽ عملي جي ڪوٽ، آر او پلانٽ بند هجڻ ۽ صفائي جي ناقص انتظامن تي ڪاوڙ جو اظهار

نگران وڏي وزير رورل هيلٿ سينٽر اسلام ڪوٽ جو دورو ڪيو جتي هن ميل وارڊ سميت ايمرجنسي وارڊ جو دورو ڪيو

اسڪول ۾ شاگرد تمام گهٽ اٿن پر استادن جي ڪوٽ سبب ٻارن جو نقصان ٿي رهيو آهي : نگران وڏو وزير

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير)سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رمقبول باقر جو اسلام ڪوٽ جي مختلف ادارن جو اوچتو دورو، انتظاميا ۾ ٽرٽلو، اسڪول، اسپتال ۾ سهولتن ۽ عملي جي ڪوٽ، آر او پلانٽ بند هجڻ ۽ شهر ۾ صفائي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اسلام ڪوٽ : نگران وڏو وزير دوري دوران ڳالهائي رهيو آهي

پدعيدن پرسان گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول بنيادي سهولتون ڪان محروم، اختياريون خاموش

پدعيدن (رپورٽر) پدعيدن ۾ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول بنيادي سهولتون ڪان محروم. خبر موجب پدعيدن گورنمنٽ (بوائز) هائير سيڪنڈري اسڪول بنيادي سهولتن ڪان محروم 1964 ڪان قائم هن اسڪول ۾ 1600 ڪان وڌيڪ شاگرد تعليم پرائي رهيا آهن. هن اسڪول ۾ بنيادي سهولتون بلڊنگ، چوديواري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خانگڙهه ۾ اميدوارن پاران نامزدگي فارم وصول ۽ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري

جي يو آءِ جي ضلعي امير مولانا اسحاق لغاري، حبيب الله عرف عبدالمجيد خان گبول ۽ ٻين فارم جمع ڪرايا

پي ٽي آءِ جي عبدالرزاق گڏائي، آزاد اميدوار عبدالله گڏائي سميت ٻين اميدوارن نامزدگي فارم وصول ڪري ورتا

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپور مهر عام چونڊن جي سلسلي ۾ صوبائي اسمبلي پي ايس 20 خانگڙهه تڪ تي اميدوارن پاران نامزدگي فارم وصول ۽ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري، مختلف پارٽين تروڙي آزاد اميدوارن فارم وصول ڪيا.. خبر موجب ملڪ ۾ عام چونڊن جي سلسلي ۾ نامزدگي فارم وصول ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ خانپورمهر ۾ قائم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سڪر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاج جاري

شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي 4 مهينن کان وڌيڪ عرصو ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪيو ويو

صحافي جي وڇوڙي کي 4 مهينن کان وڌيڪ جو عرصو گذري ويو آهي پر قاتلن ٻيلن ۾ بااثر ماڻهن وٽ محفوظ آهن : اڳواڻ

جيستائين قاتلن کي زنده حالت ۾ قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

سڪر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)سڪر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي 4 مهينن کان وڌيڪ عرصو ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪيو ويو. قاتل حڪمرانن ۽ پوليس جي خاطرين سميت عدالتي حڪمن کان پوءِ به سوگها نه ٿيا صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مڪ قاتل گرفتار نه ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سڪر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پرپور طريقي سان اليڪشن وڙهڻ جي تياري ڪري ورتي آهي : شاهد حسين سولنگي

دادو(رپورٽر)متحده قومي موومنٽ پاڪستان پاران صوبائي اسمبلي تڪ 80 دادو تي اميدوار شاهد حسين سولنگي ۽ قومي اسمبلي 228 دادو جوهي تي ايڊووڪيٽ عبدالمجيد چهواڻ کي ٽڪٽ ڏني وئي. نمائندن چيو ته پنهنجي پوري قيادت برادرين ۽ دادو جي عوام تي اعتماد ڪندي پرپور طريقي سان اليڪشن لڙڻ جي تياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز ۾ اليڪشن 2024 جو شيڊول ايندي چونڊ اليڪشن عمل شروع

ضلعي جي ٻن قومي ۽ 4 صوبائي سيٽن لاءِ فارم وٺڻ جو سلسلو جاري، 60 کان وڌيڪ آزاد ۽ پارٽي اميدوارن فارم ورتا

وٽندڙ پيپلز پارٽي اميدوار ۾ ايڪس ايم پي اي ممتاز، سردار عثمان عالماڻي، منير احمد مبيجو ۽ ٻيا پڻ شامل

مسلم ليگ ن سيد اصغر علي شاهه، ڊاڪٽر ستار راجپر جي ڊي اڳواڻ، شڪيل جلباني مسلم ن ۽ ٻيا شامل

نوشهرو فيروز(ڊ ر)ايندڙ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ نوشهرو فيروز ضلعي ۾ مختلف سياستدانن پاران نامزدگي فارم وٺڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. رٽرننگ آفيسن مان هن وقت تائين قومي اسمبلي ۽ صوبائي تڪن لاءِ 203 نامزدگي فارم ورتا ويا آهن جنهن مطابق اين اي 205 لاءِ 10 ۽ اين اي 206 لاءِ 20 نامزدگي فارم ورتا ويا. صوبائي تڪ پي پي ايس 32 تي 55، پي ايس 33 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

راڻيپور ۾ صحافي اتحاد خيرپور پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

صحافي شهيد جان محمد مهر ۽ احمد پور جي صحافي شهيد اصغر ڪنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو

22 صحافين مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف راڻيپور کان سچل سرمست تائين پيادل مارچ ڪري ڌرڻو هنيو ويو ويو

افسوس ايترو وقت گذرڻ باوجود هڪ به قاتل گرفتار نه ٿي سگهيو آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي : مظاهرين

راڻيپور(رپورٽر)راڻيپور ۾ صحافي اتحاد خيرپور پاران سڪر جي صحافي شهيد جان محمد مهر ۽ احمد پور جي صحافي شهيد اصغر ڪنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ هنگورجا پوليس پاران هنگورجا ۾ آباد گارن ڌرڻي جي ڪوريج ڪرڻ تي ڪاوڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

راڻيپور : صحافي اتحاد پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪيبر پرسان ڊپٽي رينجر مير حسن شاهه جي فرزند تي حملو، معجزاتي طور محفوظ

نيوسعيدآباد(رپورٽر) ڪيبر نيشنل هائي وي تي ڪيبر اسٽاپ ويجهو ڪالهه شام جي وقت ٻيلي ڪاتي جي "ڊپٽي رينجر مير حسن شاهه جي فرزند سيد علي محمد شاهه تي نامعلوم ماڻهن پاران قاتلاڻو حملو ڪيو ويو هو پاڻ معجزاتي طور محفوظ رهيو هوءِ سندس ڪرولا ڪار جا شيشا توڙيا ويا سيد علي محمد شاهه ڪيبر اسٽاف تي موبائيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

لاڙڪاڻي ۾ ديني مدرسن جي مستقبل، مشڪلاتن، امڪانن ۽ حل بابت ورڪشاپ

ملڪ جا معاشي مسئلا پاڪستان جي ترقي ۾ سپ ڪان وڏي رڪاوٽ آهن، جنهن سبب ملڪ جي معيشت تباهه ٿي چڪي آهي : اڳواڻ

خراب حڪمراني، بي ربط عدالتي نظام، فرسوده قانون، ٽئڪس جو پيچيده نظام ۽ شفافيت جو فقدان شامل آهن

مهانگائي تقريبن 75 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، عام ماڻهن جي لاءِ برداشت جوڳو ناهي ته ٻئي طرف عوام ۾ بيچيني به وڌي وئي آهي

لاڙڪاڻو(رپورٽر)جمعيت علماءِ اسلام پاران ديني مدرسن جي مستقبل، مشڪلاتن، امڪانن ۽ حل بابت ورڪشاپ جامعه اسلاميه لاڙڪاڻو ۾ ڪوئايو ويو. جنهن ۾ خاص مهمان ڪراچي يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسر حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد اسحاق عالم، جامعه جي مهتمم مولانا ناصر محمود سومرو، نظام تعليمات مولانا ڊاڪٽر محمد علي فاروقي سميت جامعه اسلاميه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دولتپور پرسان ڳوٺ فتح محمد پٽو جا رهواسي پريس ڪلب پهتا، احتجاج

منهنجي سالن منهنجي زرعي زمين تي قبضو ڪري منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي : محمد حنيف

پنهنجي زمين تي ويس نه انهن مؤن مٿان قاتلاڻو حملو ڪري زمين تان واپس ڪري ڇڏيو

زرعي زمين جو قبضو ختم ڪرائي اسان کي انهن مان جان جو خطرو آهي انهن کان آسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دولتپور صفن(رپورٽر) دولتپور پرسان ڳوٺ فتح محمد پٽو جي رهو اسين محمد حنيف عرف ڪنڊو ولد بادل خان پٽو ۽ محمد زمان پٽو، نيشنل پريس ڪلب دولت پور پهچي پنهنجي سالن علي نواز پٽو فتح محمد پٽو اسماعيل ولد حاجي واحد ۽ ٻين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته منهنجي سالن منهنجي زرعي زمين تي قبضو ڪري منهنجو جيئڻ جنجال ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دولتپور صفن : ڳوٺ محمد پٽو جا رهواسي پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

فرسٽ سول جج جوڊيشل مئجسٽريٽ مورو شفقت حسين چڇڻ پاران مورو شهر وڏندڙ حددخلين جي آزار جو ازخود نوٽيس وٺي ڇڏيو

نوشهرو فيروز(ڊ ر)فرسٽ سول جج جوڊيشل مئجسٽريٽ مورو شفقت حسين چڇڻ پاران مورو شهر وڏندڙ حددخلين جي آزار جو ازخود نوٽيس وٺندي اسسٽنٽ ڪمشنر مورو انچارج اينٽي انڪروچمينٽ سي ايم او پوليس ٽرئفڪ انچارج ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ او مورو کي هڪ حڪم جاري ڪندي ٽن ڏينهن ۾ شهر مان مڪمل حددخلين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

متياري ۾ عام چونڊن جون سرگرميون تيز، اميدوارن فارم حاصل ڪري ورتا

ضلعي ۾ 4 لک 17 هزار 629 ووٽرن ۾ 2 لک 21 هزار 177 مرد ۽ هڪ لک 96 هزار 452 عورتون شامل

تڪ اين اي 216 ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 56 ۽ پي ايس 57 تي پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندي پنهنجا نمائندا چونڊيندا

ضلعي اليڪشن آفيسر مسعود قريشي مطابق عام چونڊن دوران ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ لاءِ 5 هزار سرڪاري ملازمن جي ڊيٽا بينڪ قائم

متياري (رپورٽر)متياري ضلعي ۾ عام چونڊن 2024 جون سرگرميون شروع. ضلعي ۾ 4 لک 17 هزار 629 ووٽرن ۾ 2 لک 21 هزار 177 مرد ۽ هڪ لک 96 هزار 452 عورتون شامل آهن. هڪ قومي تڪ اين اي 216 ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 56 ۽ پي ايس 57 تي پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندي پنهنجا نمائندا چونڊيندا. ڊپٽي ڪمشنر/ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سڳيون ۾ بزرگ حضرت دائود شاهه عرف دادلي سرڪار جو عرس جاري

ميلي دوران ميلي ۾ ملهه جي ملاڪڙي لاءِ گرائونڊ تي ملهن جا وڏا مقابلا ٿيندا

ميلي ۾ چڙيا گهر، ميجڪ شو سميت ٻيا عوام جي ڏسڻ جو مرڪز رهيا

سڳيون(رپورٽر)سڳيون پرسان سنڌ جي صوفي بزرگ حضرت دائود شاهه عرف دادلي سرڪار جو چٽن ڏينهن وارو 78 هون عرس مبارڪ اڄ کان وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي ميلي ۾ صوفيائي راڳ جون محفلون مجنديون جڙهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي ۾ لسبيلي ۽ باقرائي جي پريمي جوڙي پيار پرٽو ڪري ڇڏيو

اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، نئين پرٽيل جوڙي جون صحافين اڳيان دانهون

مائٽ مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اسان جي جان کي خطرو آهي

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر)لسبيلي ۽ باقرائي جي پريمي جوڙي ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ پيار جو پرٽو ڪري ڇڏيو. پنهنجي مرضي سان مذهب تبديل ڪري پيار جو پرٽو ڪيو آهي، مائٽ مارڻ چاهين ٿا. تحفظ فراهم ڪيو وڃي، نئين پرٽيل جوڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي : پيار پرٽو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

تنڊوباگو ۾ اليڪشن لاءِ نامزدگي فارم وصول ڪرڻ وارو عمل شروع

نامزدگي فارم وصول ڪندڙن ۾ پيپلزپارٽي، جي ڊي اي، مذهبي پارٽين سميت آزاد اميدوار شامل

آزاد طور تي ارباب محمد عالم، ارباب انعام الله، علي اڪبر ليل، ساجد علي ڪوسو ۽ ٻيا شامل

تنڊوباگو(رپورٽ رفاقت جروار) تنڊوباگو جي صوبائي اسمبلي پي ايس 70 تڪ تي فيبروري تي ٿيندڙ اليڪشن لاءِ نامزدگي فارم وصول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نيو سعيدآباد ۾ اوناءِ پيرزاده برادري ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو

پيرولي الله شاهه راشدي، سيد اصغر شاهه شفيع محمد ميمڻ، حاجي عبدالوارث ميمڻ جي سرپرستي ۾ ٿي گذريو

هاڻي اڳتي فيصلي کانپوءِ اڳتي لا ڪنهن به ڌرا اڳرائي ڪئي ته ڏنڊ وڏو ويندو : اڳواڻ

نيو سعيدآباد(رپورٽر)نيو سعيدآباد ۾ اوناءِ برادري ۽ پيرزاده برادري جو پاڻ ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو، پيرولي الله شاهه راشدي، سيد اصغر شاهه شفيع محمد ميمڻ،حاجي عبدالوارث ميمڻ جي سرپرستي ۾ ٿي گذريو. فيصلي ۾ پنهنجي ڌرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

هن وقت دنياڙي فاسٽ ٿي چڪي آهي : غلام مرتضيٰ گهانگهرو ۽ ٻيا

نوجوانن کي وڏ کان تعليم تي توجهه ڏئي پنهنجي روشن مستقبل بابت سوچڻ گهرجي

پروفيسر تاج لاشاري پنهنجي سڄي ڄمار تعليم جي سڌارن واڌارن کي ڏني آهي

سڪر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلو) چونا بنا گهانگهرا هائوس تي سياسي سماجي اڳواڻ وائس چيئرمين غلام مرتضيٰ گهانگهرو، عبدلباسط /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سڪر : تقريب دوران اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

سڪر جي سينٽ ميري اسڪول ۾ ڪرسمس جي تقريب

پاڪستان ۾ سڀني اقليتن کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي : ڪميل حيدر شاهه

پيپلز پارٽي به مذهبن جو احترام ڪري ٿي ۽ هر فورم تي اقليتن جي ڀرپور حمايت ڪري ٿي

سڪر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه سينٽ ميري اسڪول ۾ ڪرسمس جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪرسمس جو ڪيڪ ڪاٽڻ بعد مسيحي برادري کي ڪرسمس جون واڌايون ڏنيون.تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

اسسٽنٽ ڪمشنر نوشهروفيروز پاران پاڻ جي دڪانن تي ڇاپا

اسسٽنٽ ڪمشنر پاران مهانگي اڳهه تي وڪرو ڪندڙ هڪ دوڪان کي سيل ڪيو ويو

دڪاندار مقرر اڳهه تي پاڻ وڪرو ڪن، ٻئي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي : اي سي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر نوشهروفيروز علي شان يوريا پاڻ جي مهانگي اڳهه تي وڪرو ڪندڙ دڪاندارن ۽ ڊيلرز تي ڇاپا هنيا. مهانگي اڳهه تي وڪرو ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز : اسسٽنٽ ڪمشنر ڇاپن دوران پاڻ ڳالهائي رهيو آهي

خيرپور ضلعو صحافين لاءِ عذاب گهر بڻجي ويو

صحافي وحيد ڄامڙو گهر واپس ايندي رستي مان گم ٿي ويو

ٻه ڏينهن گذري ويا پر صحافي جو ڪوئي ڏس پتو نه ملي سگهيو

راڻيپور(رپورٽر)خيرپور ضلعو صحافين لاءِ عذاب گهر بڻجي ويو. هنگورجا ۾ 22 صحافين تي ڪيس داخل ٿيڻ کان بعد ۾ صحافين سان پيو ظلم جو داستان سامهون اچي ويو. سٽي پريس ڪلب ڪنب جو نائب صدر صحافي وحيد ڄامڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران احتجاج

بار ايسوسيئيشن جي سالياني اليڪشن جو شيڊول احتجاج ڪرڻ کان بغير جاري ناهي ڪيو ويندو : مظاهرين

اليڪشن 2024 جو شيڊول جاري ڪري وڪيلن کي پنهنجو جمهوري ۽ قانوني حق ڏنو وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽر)لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران سالياني چونڊن جو شيڊول جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن سخت تعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي بارجي ميمبرن وڪيلن ايڊووڪيٽ ظفر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

تنڊو محمد خان ۾ ريٽرننگ ۽ اسسٽنٽ ريٽرننگ آفيسرن حلف ڪٽي ورتو

ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر ڊپٽي ڪمشنر ڏرمون پاڻاڻي سمورن عملدارن کي حلف ڪٽايو

صاف شفاف ۽ غيرجانبدارانه چونڊون ڪرائڻ اسان جي اولين فرض ۾ شمار ٿئي ٿو : ڏرمون پاڻاڻي

تنڊو محمد خان(ڊ ر)ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر ڊپٽي ڪمشنر تنڊو محمد خان ڏرمون پاڻاڻي پاران عام چونڊن 2024 لاءِ مقرر ڪيل ريٽرننگ ۽ اسسٽنٽ ريٽرننگ آفيسرن کي پنهنجي آفيس ۾ حلف ڪٽايو. تفصيلات مطابق ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

تنڊو محمد خان : ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر حلف ڪٽائي رهيو آهي

دڙو جي تعليمي معيار سڄي ضلعي جي اسڪولن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو

هائير سيڪنڊري اسڪول جي چئن هوشيار شاگردن چيٽاپيٽي امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪري ضلعي جي اسڪولن کي مات ڏئي ڇڏي

سنڌ حڪومت جي تعاون سان هلندڙ فلاحي اداري (اين جي وي) پاران هوشيار شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني وئي

استادن جي محنتن ۽ جفاڪشين تي سندن واڪاڻ ۽ همت افزائي ڪن ته جيئن استادن جا حوصلا وڌيڪ بلند ٿين : اڳواڻ

دڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو جي تعليمي معيار سڄي ضلعي جي اسڪولن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو...!! هائير سيڪنڊري اسڪول دڙو جي چئن هوشيار شاگردن چيٽاپيٽي امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪري سڄي ضلعي جي اسڪولن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دڙو : تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

سنڌ مان افغانين کي نيڪالي ڏيڻ خلاف شيما ڪرماٽي جي پٽيشن سنڌ هائي ڪورٽ خارج ڪري ڇڏي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ مان افغانين کي نيڪالي ڏيڻ خلاف شيما ڪرماٽي جي پٽيشن سنڌ هائي ڪورٽ خارج ڪري ڇڏي. تومپرست اڳواڻ ممتاز بروهي سنڌ طرفان ڏر ٿي پيش ٿيو تفصيل موجب ڪراچي سنڌ هائي ڪورٽ ۾ آئيني درخواست 5432 شيما ڪرماٽي طرفان داخل ڪيل ته سنڌ مان افغانين کي نه ڪڍيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي مان گم ٿيل نوجوان نوجوان ساجد علي عالماڻي جو سڙيل لاش هٿ

پوليس اطلاع ڪري ٻڌايو ته نامعلوم لاش هٿ آيو آهي جنهن تي وارثن اچي سڃاڻپ ڪئي

نوجوان ساجد علي عالماڻي طور 16 ڊسمبر جو گهران نڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويو هو

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر پهنور) فتيرا گوٺ جو رهواسي نوجوان ساجد علي عالماڻي 5 ڏينهن اڳ گهران نڪري گم ٿيڻ کان پوءِ ڪلڪ ان جو سڙيل لاش گلشن معمار ٿائي جي حد مان برآمد. پوليس اطلاع ڪري ٻڌايو ته نامعلوم لاش هٿ آيو اچي سڃاڻپ ڪيو. وارثن سڙيل لاش جو سڃاڻپ ساجد علي عالماڻي طور ڪيو جيڪو 16 ڊسمبر جو گهران نڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويو هو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

منياڻي پرسان سولنگي برادري پاران پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

فريڊيرو پوليس ڪوڙو الزام ڊاڪٽر اعجاز سولنگي جي مٿان لڳائي ڪوڙي FIR داخل ڪئي آهي : مظاهرين

اهلڪارن پاران گهر تي چادرچوديواري جو تقدس پائمال ڪندي گهر ۾ ڪاهه ڪري عورتن سان بدتميزي ڪري تشدد ڪيو ويو

نوٽيس وٺي ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري ڊاڪٽر اعجاز سولنگي تان ڪوڙي ايف آئي آر ختم ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)منياڻي پرسان فريڊيرو ٿائي آڏو سولنگي برادري جو پوليس جي ناجائزين ۽ چادرچوديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ خلاف مردن ۽ عورتن جو احتجاجي مظاهرو. ٽائرن کي باهيون . احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي شير محمد. محمد عمر، وقار ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي ڌانهيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پراڻ جتوئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز : سولنگي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ حضرت بيبي فاطمه زهره سلام الله عليه جي شهادت سلسلي ۾ مجلس عزا

نوشهرو فيروز(رپورٽر منظور ملڪ) پرياروڊ انجمن دعاءِ زهره پاران فوجي بخش علي هيسباڻي ڊاڪٽر خادم حسين منگي جي تعاون سان دختر رسول زوجه حضرت امام علي المرتضيٰ حضرت بيبي فاطمه زهره سلام الله عليه جي شهادت سلسلي ۾ امام بارگاهه امام حسن مجتبي ۾ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي مجلس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

تنڊو محمد خان ۾ پوليس جي وڏي ڪارروائي، 7 موٽر سائيڪلون برآمد

اهلڪارن ڪارروائي ڪندي موٽر سائيڪلون چوري ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول بڙدي کي گرفتار ڪري ورتو

2 جوابدار نظير ملاح ۽ رزاق بڙدي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، سماجي برائين کي روڪڻ لاءِ ڪارروائين جو سلسلو جاري

موٽر سائيڪل چورين ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول بڙدي کي گرفتار ڪيو ويو،2 جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

تنڊو محمد خان(رپورٽر) تنڊو محمد خان ۾ پوليس جي وڏي ڪارروائي، 7 موٽر سائيڪلون برامد. هڪ جوابدار گرفتار . تنڊو محمد خان ٻي سيڪشن ٿائي جي پوليس اهلڪارن سليل اطلاع تي چئنل موري وٽ ڪارروائي ڪندي موٽر سائيڪلون چوري ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول بڙدي کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته 2 جوابدار نظير ملاح ۽ رزاق بڙدي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

قاضي احمد ۾ ايڪتا ثقافتي ڏهاڙي بابت ڪلچر ڊي جي هڪ شاندار پروقار تقريب

سموري اسڪول جا شاگرد، شاگردياڻيون استاد ۽ مهمان سنڌي ٽوپيون، بوسڪي جي پٽڪن لنگين ۽ اجرڪن ۽ ثقافتي ويس وڳا پائي شرڪت

سنڌ جي سرزمين صوفين جي ڌرتي آهي هي امن ،محبت ۽ پيار جي ڌرتي آهي اسان جي ثقافت انڊلڪ جي رنگن جهڙي آهي : اڳواڻ

اسان سنڌي سنڌ جا رهاڪو آهيون شاگرد تروڙي شاگردياڻين کي وڏ ۾وڏ تعليم پرائي ڌرتي ماءُ سان محبت پيار جو وچن ڪرڻ گهرجي

نواب ولي محمد (رپورٽر) گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول قاضي احمد ۾ ايڪتا ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ڪلچر ڊي جي هڪ شاندار پروقار تقريب ٿي گذري جنهن ۾ سموري اسڪول جا شاگرد ،شاگردياڻيون استاد ۽ مهمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نواب ولي محمد : ثقافتي تقريب دوران ورتل فوٽو

سڪر مان اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماري سميت ٻين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج 78 هين ۾ داخل ٿي ويو، گهرن ۾ ڪهرام متل

78 ڏينهن ٿي ويا پر افسوس جو ڪنهن حڪومتي نمائندي يا ڪنهن اداري نوٽيس ورتو آهي : مظاهرين

اسان راڻيپور کان مغوين جي بازيابي لاءِ مسلسل ڏينهن رات واري جدوجهد شروع ڪئي، انصاف ڏياريو وڃي

سڪر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)سڪر جي علاقي سنگرار مان اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، نوجوان علي اصغر منگريو سميت سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سڪر پريس ڪلب اڳيان احتجاج 78 هين ۾ داخل ٿي ويو آهي ان باوجود سنڌ سرڪار يا پوليس مغوين جي بازيابي لاءِ ڪو ڪردار ادا نه ڪيو آهي احتجاجي ڪئمپ تي سڪر جي نوجوان حبيب الله انصاري اچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪورنگي : محبان پاڪستان فائونڊيشن جي زيراهتمام شهيد پاڪستان ڪانفرنس منعقد

1971ع ۾ مڪتي باهني پاران متحده پاڪستان جي حمايتين جي نسل ڪشي جا پاڪستاني فورسز تي الزام ڪوڙا آهن : اڳواڻ

محصورن جي وطن واپسي ۾ غفلت افسوسناڪ آهي بهارين تي لڳل زخم 52 سالن ڪانپوءِ به پرچي نه سگهيا آهن

اوپر پاڪستان جو سانحو انساني تاريخ جو اهو المياو آهي، قاتلن مظلومن کي چادراوڍي دنيا جي اکين مٽي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي

ڪورنگي(رپورٽر)محبان پاڪستان فائونڊيشن جي زير اهتمام مرڪزي شهيد پاڪستان ڪانفرنس منعقد ڪيو ويو. 1971ع ۾ مڪتي باهني پاران متحده پاڪستان جي حمايتين جي نسل ڪشي جا پاڪستاني فورسز تي الزام ڪوڙا آهن. محصورن جي وطن واپسي ۾ غفلت افسوسناڪ آهي بهارين تي لڳل زخم 52 سالن ڪانپوءِ به پرچي نه سگهيا آهن. تفصيل موجب مشرقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪورنگي : ڪانفرنس کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

سڪر ۾ عام چونڊن 2024 لاءِ چونڊ عمل شروع ٿي ويو

سڪر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)سڪر ۾ عام چونڊن 2024 لاءِ چونڊ عمل شروع ٿي ويو.ان سلسلي ۾ سڄي ملڪ وانگر سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سڪر ۾ به عام چونڊن 2024ع لاءِ چونڊ عمل شروع ٿي ويو آهي جڏهن ته جئي يو آئي جي اميدوار ايڊووڪيٽ سڪندر علي جوڻيجو پاران اين اي 200 ۽ پي ايس 24 تي فارم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽي ۾ ايجوڪيشن ورڪس ڪاٽي انجنيئر پنهنجا نوازڻ شروع ڪري ڇڏيا

ٻاهرين ضلعن جي ٺيڪيدارن جي نالن تي پئسا جاري ڪري مقامي ٺيڪيدارن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو

مقامي ٺيڪيدار سخت پريشان، وس وارن کان فورن نوٽيس وٺي سائٽن انصاف ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي

مقامي ٺيڪيدارن کي نظرانداز ڪري رڳو پنهنجن کي نوازيو پيو وڃي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي : متاثر

ٺٽو(ڀر)ٺٽي ۾ايجوڪيشن ورڪس ڪاٽي انجنيئر پنهنجا نوازڻ شروع ڪري ڇڏيا. ٻاهرين ضلعن جي ٺيڪيدارن جي نالن تي پئسا جاري ڪري مقامي ٺيڪيدارن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. مقامي ٺيڪيدار سخت پريشان. جن وس وارن کان فورن نوٽيس وٺي سائٽن انصاف ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ ٺٽي جي ڪيترن ئي متاثر مقامي ٺيڪيدارن ڌانهيندي الزام /بقايا پڙ

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 21 ڊسمبر 2023ع

آپگهات روڪڻ لاءِ حڪومت پنهنجي حصي جو ڪم ڪري

سنڌ ۾ بک، بدحالي، اڪيلائي، ذهني دٻاءُ، بيروزگاري ۽ مايوسي جي ڪري آپگهات جا واقعا وڌيا آهن، اهو تسليم ڪيو وڃي ٿو ته اهڙن واقعن ۾ سماجي اٿبراڀر، متپيد، ڏتڪار ۽ ٻيا سماجي مسئلا اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. سنڌ ۾ آپگهات جي واقعن ۾ گڻتي جوڳي حد تائين واڌ ٿي وئي آهي. جيتوڻيڪ سرڪاري سطح تي اهڙن واقعن بابت ڪي اعتبار جوڳا انگ اکر گڏ ڪرڻ جو ڪو رواج نه آهي پر سماجي سطح تي ڪم ڪندڙ ادارن پاران انگ اکر جمع ڪيا وڃن ٿا، جنهن موجب ڊسمبر 2022ع کان آڪٽوبر 2023ع تائين سنڌ جي سمورن 30 ضلعن ۾ 293 آپگهات جا واقعا پيش آيا. جن ۾ 63 عورتون به شامل آهن. مختلف ذريعن ۽ سروي رپورٽن موجب آپگهات ڪندڙن ۾ اڪثريت نوجوانن، چوڪرن ۽ چوڪرين يا وري عورتن مردن جي آهي. وچولي ۽ اڏوڪ عمر جي ماڻهن ۽ عورتن ۾ به آپگهات جو لاڙو نظر آيو آهي. سنڌ ۾ وڌيڪ آپگهات جا واقعا ٽرپارڪر، مٺي، اسلام ڪوٽ، ڊيپلو، چاچرو ۽ ميرپورخاص وارن علاقن ۾ پيش اچن ٿا. آپگهات جو لاڙو هڪ نفسياتي پاسو به آهي. نفسيات جي ماهرن موجب ميڊيڪل جي زبان ۾ خودڪشي کي ذهني دٻاءُ (ڊپريشن) جي آخري حد قرار ڏنو ويو آهي. جنهن جا ڪيترائي ٻيا سبب ٿي آهن پر سڀ کان وڏو سبب بيوسي هوندو آهي. جڏهن انسان حالتن کي منهن ڏيڻ جي سگهه نه ساري سگهندو آهي ته اهڙو عمل هن کي چوٽڪارو لڳندو آهي. سائڪوٽرڪ ڊپريشن، وهم ۽ فريب پيدا ٿيڻ سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ مريض کي سڀ دشمن لڳندا آهن ۽ مريض کي لڳندو آهي ته ڪيس قتل ڪيو يا زهر ڏنو ويندو. واندڪائي به ڪن ماڻهن جي لاءِ ذهني سڪون ته ڪن لاءِ ذهني پريشاني جو سبب بڻجي ٿي. ٽر ۾ اجتماعي خودڪشين جا واقعا پڻ پيش آيا آهن. گذريل 7 سالن دوران پسند جي شادي نه ٿيڻ تي 8 جوڙن آنت آندو. انهن 8 اجتماعي آپگهات جي واقعن مان 6 واقعا رڳو اسلام ڪوٽ تعلقي ۾ پيش آيا. صحت جي عالمي اداري موجب دنيا ۾ هر سال 8 لک کان وڌيڪ ماڻهو آپگهات ڪن ٿا، 79 سيڪڙو واقعا غريب ۽ گهٽ آمدني وارن ملڪن ۾ ٿين ٿا. انهن ملڪن ۾ غربت، بيروزگاري، ناانصافي، ظلم ۽ جبر جهڙا مسئلا وڏي شدت سان موجود آهن. سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن ۽ گوٺن ۾ پڻ غربت، بک ۽ بدحالي سبب ماءُ ۽ پيءُ پنهنجن معصوم ٻارڙن کي زهر ڪارائي پاڻ به آپگهات ڪيو آهي اهو هن معاملي جو انتهائي خطرناڪ پهلو آهي. سماجي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته غربت، بيروزگاري ۽ بدحالي ڪانسواءِ سماجي اٿ برابري، ريتن ۽ رسمن جو پنجوڙ، هراسمينٽ ۽ اڪيلائي پڻ ان جا وڏا سبب آهن. انهن جو مڃڻ آهي ته سڙو روزگار 90 سيڪڙو ماڻهن کي آپگهات کان بچي ٿو. ان سلسلي ۾ سماجي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته ٽرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپور خاص ۽ مٺي وارن علاقن ۾ غربت ۽ بيروزگاري ڪانسواءِ سماجي اٿ برابري ۽ هندو برادري ۾ شادين جا پيچيدا معاملا به ان جا سبب آهن. چوته رسمون سماج کي هڪ جڳهه تي جامد ڪري ٻيهاري ڇڏين ٿيون. ان ڪري مٿين علاقن ۾ عورتن جي آپگهات جا واقعا وڌيڪ ٿين ٿا. ڄاڻايل علاقن ۾ ٻنين ۾ پوهيو ڪندڙ عورتون جنسي هراسمينٽ جو شڪار يا وري بليڪ ميل ٿين ٿيون ان ڪري به اهي سماجي دٻاءُ ۾ اچي اهڙو قدم کڻن ٿيون. سماجي اڳواڻن تجويز ڪيو ته سنڌ جو سماج زرعي آهي، پر ۾ شهري سماج وڏي رهيو آهي، ننڍين صنعتن ڪانسواءِ ٻين روزگار جي ذريعن کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي. جنهن سان هاڪاري حالتن پيدا ٿي سگهن ٿيون. سماجي تنظيم سي ايس ايس پي. جي ڪيل تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو ته غربت ۽ بيروزگاري ڪانسواءِ سماجي رويا، ريتون، رسمون ۽ ٻيا ڪارڻ به آپگهات جو وڏو سبب آهن. ميرپورخاص، عمرڪوٽ، ٽرپارڪر ۽ مٺي ۾ آپگهات جي سببن ۾ غربت، ڏاڪڻ، قدرتي آفتون ۽ اڪيلائي شامل آهي، عورتن جا هٿا ۽ اهي سيئي مذهبي ٿوريائي طور رهندڙ برادرين جي عورتن جا هٿا. ڪجهه سماجي ماهرن جو موقف آهي ته سنڌ ۾ غربت، مايوسي ۽ خودڪشين جي واقعن جو سبب سنڌ جي ماڻهن هٿن مان سندس وسلين جو ڪسجڻ به آهي. حڪمران طبقا سنڌ جي وسيلن کي لٽيندا رهن ٿا. سنڌ جي وسيلن جو ناڻو سنڌ جي ماڻهن تي خرچ نٿو ٿئي، ڏاڪار، قدرتي آفتون ۽ بيماريون سنڌ جي ماڻهن کي ذهني طور مفلوج بڻائي ڇڪيون آهن. اهو به تسليم ڪيو وڃي ٿو ته ڪجهه آپگهات جي واقعن ۾ قتل جا واقعا به لکايا وڃن ٿا جيئن قانوني طور تي قتل کي آپگهات ۾ بدلائي سگهجي. سنڌ ۾ آپگهات جي واقعن جي پوليس جا جي لاءِ جديد يا سائنسي طريقا ڪتب نٿا آندا وڃن. نتيجي ۾ قتل جا واقعا آپگهات جي واقعن ۾ لکي وڃن ٿا. عام طور تي سماجي رويا ان سماج جي حالتن جي نشاندهي ڪندا آهن، جڏهن سنڌ ۾ ايڏي وڏي انگ ۾ آپگهات جا واقعا ٿيڻ ٿا ته اهو سمجهڻ گهرجي ته سماجي ۾ اٿبراڀري، متپيد، ڏتڪار وارا رويا، غربت، بيروزگاري ۽ مايوسي موجود آهي. جنهن جي هڪ حد تائين ذميواري سنڌ وقت جي حڪومت تي پڻ لاڳو ٿئي ٿي. بهتر ٿئي جيڪڏهن حڪومت هن اهم ۽ سنگين مسئلي ڪي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪي مثبت قدم کڻي ۽ پڻ حڪومتي سطح تي لاڳاپيل ادارا اهڙن واقعن جو سماجي اپياس ڪرائين ۽ ان جي حقيقي سبب کي ڳولين، ان سان گڏ انهن سببن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اثرائتا ۽ نتيجن ڀريا قدم کڻن ته ان سان به سرڪار پنهنجي حصي جو ڪافي ڪم ڪري سگهي ٿي. جنهن سان انسان کي هڪ پيرو ملندڙ حياتي تان هٿ کڻڻ تي مجبور ٿيڻو پوي. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سماجي ادارن سان گڏجي ڪري به حڪومت کي اهڙي منصوبا ۽ پروجيڪٽ جاري ڪري سگهي ٿي، جنهن سان اهڙي مايوسي، ڊپريشن ۽ غذا فراهم ڪري عوام جي هڪ وڏي حلقي کي ان ۾ شامل ڪري هن سنگين مسئلي کي ڪنهن حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو. صحت مند روين جو دارومدار صحت مند سماج تي هوندو آهي، جنهن ۾ جملي سماجي اصول ڪم ڪندا آهن. انهن ۾ به حڪومت تي فرض لاڳو ٿئي ٿو ته ان ڀاسي ڏيان ڏئي اهڙن روين کي اڳتي وڌايو وڃي.

بڦايا ***

01

بابت پاڪستان جو موقف پيش ڪيو آرمي چيف چيو ته ڪشمير بين الاقوامي طور تسليم ٿيل تڪرار آهي، ڪو به هڪ طرفو قدم ڪشميري عوام جي خواهش جي خلاف هن تڪرار جي نوعيت کي تبديل نه ٿو ڪري سگهي آرمي چيف غزه ۾ فوري جنگبندي لاءِ زور پريندي چيو ته غزه ۾ انساني همدردي ۽ خطي ۾ جٽادار امن لاءِ 2 رياستي حل جو نفاذ ضروري آهي. پاڪستان ڊگهي مدي وارن بطرفن لاڳاپن ذريعي آمريڪا سان مضبوط لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي آرمي چيف جون آمريڪي دوري دوران سياسي ۽ عسڪري قيادت سان ڳالهيون مثبت رهيون

بڦايا ***

02

پي پي 150 تي مريم نواز سان جيل ۾ قيد صنر جاويد پي ٽي آءِ ٽڪيٽ تي مقابلو ڪندي، پي ٽي آءِ اميدوار عمران خان جي تصوير ڪشي چونڊ روڪندا ۽ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندا. گوهر خان اها ڳالهه شايد ان ڪري ڪئي آهي ته ڪيس خدشو آهي ته متان پي ٽي آءِ کان بيت جو نشان ڪسجي وڃي.

بڦايا ***

03

ڪورٽ اڄ جاري ڪيو آهي. جج اهو فيصلو بلوچستان جي ٻن ضلعن ۾ تڪبندين خلاف داخل درخواست تي ڏنو آهي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته آئين ۾ هڪ جج جو ڪردار جمهوريت ۽ آئين جي محافظ جو آهي. آزاد ۽ شفاف چونڊن سان ئي جمهوريت برقرار رهندي آهي. چونڊن بنا حڪومت کي جمهوري حڪومت نٿو چئي سگهجي. وقت تي آزاد ۽ شفاف چونڊون حقيقت ۾ آئيني جمهوريت آهي. چونڊن سان عوامي راءِ جو احترام ٿيندو آهي. قيادت عوام سامهون جوابده هوندي آهي. فيصلي موجب چونڊ شيڊيول جاري ٿيڻ تائين سيني ڪيسن جو فوري طور حل ضروري آهي. چونڊن ۾ دير يا چونڊن بابت ڪيسن ۾ دير سان چونڊ عمل ۽ جمهوري نظام تي عوامي اعتماد متاثر ٿيندو آهي. سياسي ماحول عدم استحڪام جو شڪار ٿيندو آهي، تڪبندين خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي ته چونڊ شيڊيول متاثر ٿيندي، جيڪڏهن تڪبندين بابت درخواستون ٻڌيون ته ڪيسن جي ٻوڏ اچي ويندو. جج فيصلي ۾ لکيو ته چونڊن لاءِ ڪهڙي جي سُئي اڳتي وڌي رهي آهي، جيڪڏهن هن وقت تڪبندين جو معاملو ڏنو ته لکين سياسي ڪارڪنن ۽ ووٽرن جو بنيادي حق متاثر ٿيندو، عام چونڊن کي تڪبندين خلاف اعتراضن تي ترجيح ڏئي رهيا آهيون. سپريم ڪورٽ چيو ته اليڪشن ڪميشن پنهي تڪن ۾ پنهنجي تڪبندين تحت چونڊون ڪرائي، ڪيس عام چونڊن کانپوءِ ڏسندا سين. رجسٽرار آفيس ڪيس کي عام چونڊن کانپوءِ ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري.

بڦايا ***

04

. منهنجي جڳهه تي اهڙي شخص کي آندو ويو جنهن اچي خوشحال ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو. (ن) ليگ جي پارليماني بورڊ کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو ته 2017 خوشحالي جو دور هو ملڪ ۾ نه مهانگائي هئي نه ئي وري بيروزگاري. 2017 ۾ ماڻهو غربت جي ڪڇير کان نڪري رهيا هئا پاڪستان ترقي ۾ سڀني کان اڳيان هو. هن چيو ته 2017 ۾ روپئي جي قدر مضبوط هئي. مهانگائي نه هئي مانيءَ 4 روپين جي ملندي هئي. عام واهپي جون شيون عوام جي پهچ ۾ هيون. اڄين لڳي رهيو هو ته پاڪستان ترقي يافته ملڪن ۾ شامل ٿي ويندو.

پراچ ملڪ دلدل ۾ قاسي چڪو آهي خبر نه آهي ته پاڪستان کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي. اڳوڻي وزيراعظم چيو ته 4 ڏينهن جي ترقي کان پوءِ اسان واپس پوئتي رڃڻ شروع ٿي ويندا آهيون. جسٽس شوڪت عزيز ٻڌايو ته مون کي چيو ويو ته نواز شريف کي جيل کان ٻاهر ناهي ڇڏڻ چيو ويو ته نواز شريف جيڪڏهن جيل مان ٻاهر نڪتو ته اسان جي 2 سالن جي محنت ضايع ٿي ويندي. اهو حادثو پهريون پيرو نه ٿو رکيائي پيرا ٿي چڪو آهي. هڪ شخص کي اڏڻ جي لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو ويو. اهڙي شخص کي اڏڻ کان پوءِ ملڪ جون حالتون سيني جي سامهون آهن ملڪ ۾ مهانگائي ان شخص جي اڄڻ کان پوءِ ٿي. نوازشريف چيو ته مون ۽ مريم نواز 150 پيشيون پوڳيون خبر ناهي ڪڙا ڪيس ناهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. پٽ کان پڇاڻ نه وٺڻ تي مون کي نااهل ڪري ڪيدويو دنيا ۾ اثيون ڪهڙي هنڌ ٿيندو آهي. ته چونديل وزيراعظم کي ڪيدويو جي. اڄ ڪڙا ڪيس ختم ٿي رهيا آهن. 3 ٻڌڻيون ۽ عدالت ڪيس اڪلائي ڇڏيا. هن چيو ته 2013 ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ هئي. اسان 4 سالن ۾ ختم ڪئي ملڪ مان دهشتگردي جو خاتمو ڪيو ڪراچي جو امن امان بحال ڪيو. ميٽرو بس ۽ اورنج لائن ڪنهن ناهي ملڪ ۾ اسان کان علاوه موٽر ويز ڪنهن ناهي. ان کان پهريان عوام ڏيڍ ڏيڍ ڪلاڪ ۾ سفر ڪندو هو. هاڻ اهو ساڳيو سفر 15 کان 20 منٽن ۾ طئي ٿي ويندو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان جا پاڙيسري ملڪ چنڊ تي پهچي ويا پر اسان انهن کان به تمام گهڻو پوئتي رهجي رياسين. ملڪ جي حالتن جا ذميوار اسان پاڻ آهيون. اسان پاڻ پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو هنيو ۽ هر اها قوم جنهن ترقي ڪئي انهن عورت کي ترجيح ڏني. عورتن کي ملڪ جي ترقي ۾ برابر جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. عورتن کي مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻو پوندو. عورتن جي شموليت سان ئي ترقي جا حدف پورا ڪري سگهجن ٿا.

بڦايا ***

05

پٽسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏني ڇڏي. بجلي جي اڳهن ۾ واڌ پهرين ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي آهي. نيپرا جو چوڻ آهي ته واهپيدارن کي واڌو ادائيگيون جنوري کان مارچ 2024 تائين ڪرڻيون پونديون، ان سان واهپيدارن تي 22 ارب 29 ڪروڙ 70 لک روپين جو واڌو بار پوندو. بجلي اڳهن ۾ اها واڌ ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي به لاڳو ٿيندي.

بڦايا ***

06

جي شوڦينن کي وڏي خوشخبري ضلعي انتظاميا پاران پنهنجي نوعيت جو پهريون بين الاقوامي (برنس روڊ ثقافتي ڪاڏن جو ميلو) منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ثقافتي ڪاڏن جو ميلو 22 ڊسمبر کان 25 ڊسمبر 2023 تائين رات 8 وڳي کان 3 وڳي تائين جاري رهندو. ان سلسلي ۾ ڊي سي ڏکڻ ڪراچي عوام کي پيغام ڏيندي چيو آهي ته سموراً ماڻهو ضلعي انتظاميا پاران پهرئين انٽرنيشنل برنس روڊ ڪاڏي جي شين جي ميلي ۾ شرڪت ڪن ۽ پنهنجي گهروارن ۽ دوستن جي موجودگي سان ان کي وڏيڪ ڪامياب بڻائين. اهو فيسٽيول برنس روڊ فريسڪو چوڪ تي منعقد ڪيو ويندو. وڌيڪ معلومات لاءِ لاڳاپيل نمائندي جي ڏنل نمبرن 2866655_0333 ۽ 3746686_0323 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.

بڦايا ***

07

سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو ته اسان فري ايند فيئر چونڊون چاهيون ٿا. اسان جو ڪو اهڙو مطالبو ناهي ته اليڪشن ڪمشنر استعيفيٰ

پٽي جي قاهي کي "عدالتي قتل" چو ٿو قرار ڏنو وڃي؟

تحرير: وقار مصطفيٰ

"مون چيو ذوالفقار علي ڀٽو ولد شاهنواز ڀٽو، رهندڙ المرتضيٰ، لاڙڪاڻو" ڪي جناب (ڇا جناب) ؟ حيرت مان اهو چوندي (لاهور) جي اڇرو ٽاٽي جي ايس ايچ او انسپيڪٽر عبدالحئي جي هٿ مان قلم ڪري ڀيو" سن 1974 ۾ 01 ۽ 11 نومبر جي رات جي آخري پهر ٽيندڙ ان مڪالمي جي راوي ۽ تڏهوڪي قومي اسيمبلي جي رڪن ۽ تحريڪ استقلال جي سيڪريٽري اطلاعات احمد رضا قصوري، هن جي والده ۽ ماسي ڪجهه ڪلاڪ اڳ ۾ ٽيل ان حملي ۾ بچي ويا هئا. جنهن ۾ سندس والد شديد زخمي ٿي ويو هو. جڏهن هن کان پڇيو ويو ته ڪيس ڪنهن تي شڪ آهي ته هن ذوالفقار علي ڀٽو جو نالو کنيو. گذريل سال يوٽيوب چينل تي سي ايم. کي انٽرويو ۾ احمد رضا قصوري ٻڌايو ته هو ايان پوليس کان اهوئي لکرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته لاهور جي يونائيٽيڊ ڪرسچين اسپتال جي سرجن افسوس جو اظهار ڪندي هن کي ٻڌايو ته هن جو والد نواب محمد احمد خان هاڻي هن دنيا ۾ ناهي رهيو. احمد رضا قصوري ان حملي جو هدف خود کي قرار ڏيندي پوليس جي سامهون پنهنجي بيان ۾ الزام ذوالفقار علي ڀٽو تي هنيو هو. لاهور جي ٽائيدار جي هٿ مان قلم ڪرڻ جو سبب به اهوئي هو ته هو ان وقت وزيراعظم هو. بهرحال احمد رضا قصوري جي مطابق هن فرد بيان جي ذريعي ڀٽو کي پنهنجي والد جي قتل ۾ نامزد ڪري ڇڏيو ۽ ان جي بنياد تي ايف آءِ آر داخل ٿي. ان وقت جي پنجاب جي سربراه عبدالرشيد جي مطابق احمد رضا قصوري پاران ايف آءِ آر ۾ ڀٽو جو نالو شامل ڪرڻ جو مطالبو هن تسليم ڪيو. هن جي مطابق "جيڪڏهن اها سازش هجي ها ۽ ڀٽي ڪئي هجي ها ته ڇا احمد رضا قصوري کي چئي ها جيڪا ڇاهيو ايف آءِ آر ڪري ڇڏيو" سن 1966 ۾ جڏهن ڀٽو ڪابينا مان مستعفي ٿي ڪري ٽرين ۾ لاڙڪاڻي ويندي لاهور آيو ته هن جي استقبال ڪندڙن ۾ قصوري نمايان هو. قصوري چئي ٿو ته لاهور ريلوي اسٽيشن تي ئي ڀٽو جي سيلون ۾ هن سان ملاقات ٿي هئي ۽ دوستي جي شروعات ٿي وئي. ٻوءِ ڀٽي کي قصور اچڻ جي دعوت ڏني وئي. احمد رضا قصوري جو چوڻ آهي ته " پهرين مان هن کي بلهي شاهه جي مزار تي وئي ويس جتي دستاربندي ٿي. حويلي ڏانهن واپسي دوران مون ڀٽي کان پڇيو ته ڇا هوان بزرگ جي باري ۾ ڄاڻي ٿو جنهن جي مزار تي ڪيس وئي ويو هوس". ڀٽي صاحب جواب ڏنو بنهه گهٽ". مون چيو ته هي پنجاب جو تمام وڏو انقلابي هو. ٿي سئو سال هن اسٽيٽس کي ٽوڙيو. هن جو ڪلام گهڻو پاررفل آهي. هن هڪ نعرو بلند ڪيو هو ته منگ اري بنديا الله ڪولون، جلي، گلي، ڪلي" "ڀٽي پڇيو ته ان جو ڇا مطلب آهي ؟" "مون چيو ته جلي آهي ڪپڙو، گلي روٽي آهي ۽ ڪلي مڪان" ، ڀٽي چيو ته چو نه اسان ان کي پنهنجي منشور جو حصو بڻائي وٺون". اهڙي ريت اهو نعرو قصور مان ورتو ويو "حضرت بابا بلهي شاه کان اتو، لتو ۽ اجهو" ٻوءِ پيپلزپارٽي جي جي باقاعده قيام کان تي ڏينهن اڳ ڀٽي سندس ئي گهر تي اهو اعلان ڪيو ته ڀٽو ائين ڪرڻ وڃي رهيو آهي ڊسمبر 1970 ۾ احمد رضا قصوري پاڪستان پيپلزپارٽي جي تڪيٽ تي قصور مان قومي اسيمبلي جو رڪن چونڊيو ويو. پرچونڊن جي ڪجهه عرصي بعد پارٽي جي چيئرمين سان هن جي اختلافن جي شروعات ڀٽي جي ان اعلان سان ٿي ته هو ٽي مارچ 1971 تي ڍاڪا ۾ گهرايل قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت نه ڪندو نه ئي ڪنهن ٻئي اسيمبلي جي ميمبر ائين ڪرڻ ڏيندو. ڪجهه اخبارن لکيو ته ائين ڪندڙن جو جنگهون پڇيون ڇڏيندا سين. احمد رضا قصوري اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ ڍاڪا پهچي ويو پر اجلاس منعقد نه ٿيو. اتان کان ڀٽي ۽ قصوري جي وچ ۾ وچوٽيون وڌڻ لڳيون. عتيل عباس جعفري جي تحقيق آهي ته قصوري واپس آيو ته ڀٽي پارٽي پاليسي سان اختلاف ڪرڻ تي قصوري کان قومي اسيمبلي جي سيٽ تان استعفيٰ طلب ڪئي، پر قصوري انڪار ڪري ڇڏيو. سندس دعويٰ هئي ته هن اها سيٽ پيپلزپارٽي جي ڪري نه پر پنهنجي مقبوليت جي بنياد تي کٽي آهي. ڀٽي معراج خالد، حنيف رامي ۽ يعقوب خان جي الزامن جي روشني ۾ احمد رضا قصوري جي پارٽي رڪنيت معل ڪري ڇڏي. اڳئين ڏينهن قصوري لاهور ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ڪي خطاب ڪندي ڀٽي کي پيپلزپارٽي جي چيئرمين شپ تان برطرف ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. "6 جون 1971 تي پيپلزپارٽي جي مجلس عاملہ قصوري کي باضابطہ طور تي پارٽي جي رڪنيت مان خارج ڪري ڇڏيو. ائين ڀٽي ۽ قصوري وچ ۾ وچوٽي وڌيڪ گهري ٿي وئي". "1972 ۾ جڏهن قومي اسيمبلي جو اجلاس شروع ٿيو ته احمد رضا قصوري پ ٻ پ جي حوالي سان ڪتيل سيٽ ڇڏڻ ڪانسواءِ تحريڪ استقلال ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو. 1973 جو آئين منظوري جي لاءِ ايوان ۾ پيش ٿيو ته قصوري انهن تن شخصن ۾ شامل هو جن ان تي دستخط نه ڪيو هو. اسيمبلي ۾ قصوري جون ڀٽي ۽ پيپلزپارٽي جي خلاف تقريرون جاري رهيون. 4 جون 1974 تي ڀٽي قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪندي چيو ته "آئين تي مخالف ڏر جو گوڙ ۽ واويلا بنا جواز آهي، چاڪاڻ جو مخالف ڏر جي سمورن ميمبرن آئين تي صحيحون ڪيون آهن ۽ هي هڪ متفقہ آئين آهي." جنهن تي قصوري اسپيڪر کي مخاطب ٿيندي چيو هو ته "رتو ديرو مان آيل فاضل مقرر غلط بيانيءَ کان ڪم وٺي رهيو آهي. سڄي دنيا ڄاڻي ٿي ته مون آئين تي صحيح ناهي ڪئي. ان جي حق ۾ ووٽ ناهي ڏنو. پوءِ هي ڪئين ٿو چئي سگهي ته آئين تي سمورن صحيحي ڪئي آهي ۽ هي آئين متفقہ آهي ؟ ان مداخلت تي ۽ ان رمارڪس تي ڀٽو طيش ۾ اچي ويو ۽ هن قصوري ڏانهن اشارو ڪندي رڙ ڪندي چيو هو ته "مون هن شخص کي گهڻو برداشت ڪري ورتو آهي، هي مجسم زهر قاتل آهي، هاڻي اسين هن کي قطعي برداشت نه ڪنداسين". "قومي اسيمبلي ۾ ڀٽي صاحب جي ان تقرير جي اٽڪل پنجن مهينن بعد 11 نومبر 1974 تي واقعو پيش آيو. ٻئي ڏينهن يعني 12 نومبر انگريزي روزاني ڊان جي خبر هئي "تحريڪ استقلال جي اڳواڻ اصغر خان لاهور ۾ (سياستدان ۽ انساني حقن جي وڪيل) ميان محمود علي قصوري جي رهائش گاهه تي هڪ پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته قاتلن احمد رضا قصوري کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ان کان اڳ به هن تي ٽي پيرا حملا ٿي چڪا آهن. هن افسوس ظاهر ڪيو ته هن وقت تائين 24 سياسي ليبر ۽ ڪارڪنن کي قتل ڪيو ويو آهي. جن جي قاتلن جو پتو نه پيو آهي." محمود علي قصوري حڪومت تي الزام لاڳو ڪندي چيو ته هن وقت تائين قومي اسيمبلي جي رڪن نذير احمد، عبدالصمد اچڪزئي، مولانا شمس الدين، خواجه محمد رفيق ۽ ٻين (سياسي اڳواڻ) قاتلن جي گولين جو نشانو بڻجي چڪا آهن. هن مطالبو ڪيو ته سياسي قتل جو سلسلو بند ڪيو وڃي. "قصوري پنهنجي والد جي قتل جي 9 ڏينهن بعد 20 نومبر 1974 تي قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڳاڙهي رنگ جي هڪ بوتل سميت آيو. هن جي دعويٰ هئي ته ان بوتل ۾ سندس والد جو رت آهي. هو هڪ رت ۾ رڳيل قميص به گڏ ڪٽي آيو هو ۽ اعلان ڪيو هو ته حڪومت جي پارليامينٽ جي ميمبرن تي قاتلاڻي حملن کي وائڪو ڪيو وڃي. ٽي سي ايم کي ڏنل پنهنجي انٽرويو ۾ قصوري ٻڌايو ته هن اسيمبلي ۾ چيو هو ته "پٽا، مان توکي چڏيندس ڪونہ. ڪيفر ڪردار تائين پهچائيندس (جاري آهي)

مهانگائي ، سياسي پارٽيون ۽ ايندڙ چونڊ

تحرير: قاسم خاصخيلي

ملڪ ۾ مهانگائي، پاڻ جي ڪوٽ ۽ بيروزگاري سميت ٻين مسئلن جي حل لاءِ دانهون ڪندڙ عوام جي دردن جو ڪير به درمان ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ملڪ جي وڏين پارٽين جا سربراه توڙي ٻيا اڳواڻ ڪڏهن جلسن ۾ ته ڪڏهن پريس ڪانفرنسن ۾ ايندڙ چونڊ ۾ ليول پليئنگ ڏيڻ جي ڳالهه ڪرڻ سميت رڳو هڪ ٻئي خلاف بيان بازي ۾ پورا آهن پر ملڪ جي عام ماڻهو جي تڪليفن تي ڪير به ڳالهائيندي نظر نٿو اچي. توڙي جو ايندڙ چونڊن ۾ ووٽ ان ئي عام ماڻهو کان وٺڻ وارا آهن پر ڪٿي به جلسن توڙي ٻين هنڌن تي عام ماڻهو جي جڳ ڳالهه هنن جي منشور ۾ ئي ناهي رهي، ها باقي ڪجهه ڏينهن اڳ پيپلز پارٽي پاڻ جي ڪوٽ خلاف رسمي احتجاج ڪري عام ماڻهو ۾ نالو ڳڻائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي اهي پر اها ڪوشش به ڪيس عام ماڻهو کان ايتري همدردي ناهي ڏياري سگهي جيتري هوءِ حقدار هئي ان جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا پر ملڪ ۾ اصل مسئلو مهانگائي جو آهي.

مهانگائي جي وڌڻ، بيروزگاري ۽ ناانصافين سبب عام ماڻهو لڳاتار ذهني ڪرب جو شڪار نظر اچي ٿو. ملڪ ۾ نگران سرڪار جڏهن کان آئي آهي تڏهن کان ان جي ڪجهه نه سمجهه ۾ ايندڙ فيصلن سان گڏ ڪجهه عوامي پلاٽي وارا فيصلا پڻ ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن تن ۾ هڪ اهم فيصلو پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي وارو به نمايان نظر اچي ٿو اها ٻي ڳالهه آهي ته تيل جي عالمي ليول تي آڳهن جي گهٽتائي مطابق هتي قيمتون گهٽ ناهن ٿيون پر ايترو ضرور ٿيو آهي ته ملڪ جي عوام جيڪا گذريل دور حڪومت کان پوءِ وري نگران سرڪار پاران به تيل جي مسلسل وڌندڙ قيمتن سبب پريشان هئي اها ڪجهه سڪ جو ساه کڻڻ جهڙي ته ٿي آهي پر ڳالهه رڳو تيل جي قيمتن جي گهٽتائي جي ناهي پر ان گهٽ ٿيندڙ پيٽرول ۽ ڊيزل سميت ٻين پيٽروليم مصنوعاتن جي قيمتن کان علاوه عوام کي عام واهپي جي شين جي آڳهن جي گهٽ ٿيڻ جو به وڏو انتظار آهي جيڪو رليف عوام کي نه پيو ملي، ان جا سبب ڇا آهن اهو هڪ الڳ بحث آهي پر تازو ڪجهه ڏينهن اڳ سرڪاري طور جاري ٿيل انگ اکر به ان ڳالهه جو ثبوت آهن. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مهانگائي جي شرح 42 سيڪڙو کي به ڪراس ڪري وئي آهي جيڪا تاريخ جي بلند ترين سطح ليکي پئي وڃي.

ملڪ ۾ ان قدر وڌندڙ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ گذريل حڪومتن جي ڪا خاص پلاننگ نظر نه آئي پر موجوده وفاقي توڙي سنڌ جي صوبائي نگران سرڪار به خبر ناهي ڪهڙي مصلحت تحت ملڪ مٿان عذاب وانگر حاوي ٿيندڙ مهانگائي جهڙي راڪاس کي روڪڻ لاءِ ڪي جوڳا اپاءَ ناهن ورتا، جيڪا ملڪ جي مسڪين ۽ پورهيت طبقي لاءِ ڏاڍي ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي، نگران سرڪار پاران گذريل ڏيڍ مهيني کان ٻن مهينن ۾ پيٽرول جي اڳهن ۾ وڏي گهٽتائي ڪئي آهي ۽ عوام کي ريليف ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي پر ان جو ثمر عام ماڻهو کي ملڻ بدران وڏن ڪارخانيدارن، واپارين، ٽرانسپورٽرن ۽ ٻين وڏن ڪاروبارن سان سلهاڙيل ڏرين کي پهتو آهي جنهن جو مثال اهو به آهي ته جيڪو اٽو گذريل مهينو 125 کان 130 روپيا ڪلو ملي رهيو هو اهو هڪدم 10 کان 15 روپين تائين وڌي 135 کان 140 روپيا ڪلو وڪامڻ لڳو آهي جڏهن ته ڪنڊ جو اڳهه به 125 مان وڌي 135 روپيا ٿي ويو آهي ان کان علاوه چانهه واري پتي پڻ لڳ ڀڳ ارڙهن سؤ روپيا ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي گيهه ۽ ڪاڌي پيتي سميت ٻين عام واهپي وارين شين جا اڳهه گهٽ ٿيڻ بدران ڏينهن ڏينهن وڌي رهيا آهن. جيڪڏهن پيپلز پارٽي پاڻ جي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪيا به آهن ته انهن جو ڪو خاص ڪڙ تيل ناهي نڪري سگهيو آتي سوچڻ جي ڳالهه اها به آهي ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ لڳاتار پندرنهن سال حڪومت ڪرڻ سان گڏ پنج سال پهرين وفاق ۽ حڪومت ڪرڻ سان گڏ تازو ڏيڍ سال پي ڊي ايم جي پليٽ فارم تان گذيل حڪومت جو حصو پڻ رهي آهي ان ڪري پاڻ جي ڪوٽ سميت ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جي سببن ۽ ان ۾ ملوث ڏرين جي ان کي چڱي ريت ڄاڻ هجڻ گهرجي.

جيڪڏهن ملڪ جي عوام سان واقعي به سياسي پارٽيون سچيون آهن ته احتجاج ڪرڻ بدران پنهنجي قانوني ماهرن جي ٽيم سان صلاحون ڪري ان وسيلي انهن ڏرين کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهاري سوال ڪري ۽ عوام کي هڪ وڏو ريليف ڏياري سگهن ٿيون، پيپلز پارٽي کان علاوه نواز ليگ ۽ جي يو آءِ سميت تقريبن ٻين سڀني پارٽين جي سياسي منشور کان في الحال عام ماڻهو جڻ غائب نظر اچي رهيو آهي، نتيجي ۾ عام ماڻهو ٻي رحم ڪارخانيدارن واپارين ٽرانسپورٽرن ۽

بقايا سنڌيار 01

وجي، جنهن خلاف ڪراچي ۾سنڌي ڪوئن ۽ سنڌي ماڻهن جي عملي قانوني توڙي سياسي مالڪي ڪنڊ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو مرڪزي صدر ممتاز بروهي نالبواري قائدن ۽ وڪيل امان الله شيخ جي وڪالت نامي هيٺ ڪيس ۾ ڌر تي پيش ٿيا. ڪيس جي ٻڌڻي تي، جنهن تي سنڌ هائي ڪورٽ جنهن تي اڄ عدالت عاليه حڪم جاري ڪندي پٽيشنر جي وڪيل کي چيو ته ان طرجي پٽيشن سپريم ڪورٽ ۾سينئر فرحت الله بابر ۽ ٻين جي ٽائٽل سان داخل آهي، ان ڪري اوهان جي پٽيشن پڻ جوڳي ناهي، پٽيشن خارج ڪجي ٿي، صحافين سان ڳالهائيندي ترمپرست اڳواڻ ممتاز چيو ته جيت سنڌ جي ٿي آهي چوجو غير ملڪي افغاني سنڌ سميت ملڪ لاءِ به هاڻيڪار آهن ۽ اسين مطالبو ٿا ڪريون ته تمام غير ملڪي افغانين کي سنڌ مان ڪڍيو وڃي جيئن سنڌ سڪ جو ساه کڻي سگهي.

بقايا سنڌيار 02

واش روم، فرنيچر جي شديد کوٽ آهي. پرنسپال محمد اسلم راڄپر ميڊيا کي ٻڌايو ته پنهنجي مدد پاڻ تحت حاضر استادن سماجي اڳواڻن ۽ شهرين رضاڪار ايس ايم سي فنڊ ذريعي 10 ڪي وي سولر سسٽم ، هر ڪلاس روم ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرا سميت 32 انچ ٽي وي لڳائي ڏني آهي. جڏهن ته ٻين بنيادين سهولتن کان محروم آهيون، اسان تعليم جي وزير ۽ ضلعي نوشهروفيروز ڊي اي او ، ڊائريڪٽر ڪاليج کان مطالبو ڪيو ٿا ته ڪاليج کي بنيادي سهولتون ڏئي هن اسڪول کي مثالي اسڪول بڻايو وڃي. ٻئي طرف سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر فدا حسين پريچو گورنمنٽ بوائز هائرسيڪنڊري اسڪول ٻڌعيدين جي پرنسپال محمد اسلم راڄپر کي 50 هزار روپيا شاگردن جي ڀلائي جي لاءِ فنڊ ڏنو ان موقع تي پرنسپال اسلم راڄپر، پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 03

نظام ناقص هجڻ تي لاڳاپيل انتظاميه تي ڪاوڙ جو اظهار.انتظاميه وڏي وزير جي وزٽ جي ڪوريج کان ميڊيا کي ٻري رکيو ويو. تفصيل موجب سنڌ جونگران وڏو وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر ڪالهه بن ڏينهن جي ٽرجي دوري تي مائي بختاور ائرپورٽ ذريعي اسلام ڪوٽ پهتو جتي هن اسڪول.اسپتال توڙي آر آر پلانٽ جا اوچتا دورا ڪري لاڳاپيل انتظاميه کي فوري مسئلا حل ڪرڻ جون سخت هدايتون ڏنيون انهي سلسلي ۾ نگران وڏو وزير شاه لطيف هائر سيڪنڊري اسڪول جو اوچتو دورو ڪيو.اسڪول جي دوري دوران هن ڏهين ڪلاس جو وزٽ ڪيو.جتي هن شاگردن سان انگلش ۾ سوال جواب پڇيا ڪو به شاگرد وڏي وزير کي انگلش ۾ جواب نه ڏيئي سگهيو.وڏي وزير ڪلاس جي وزٽ دوران چيو ته آئون شاگردن جي قابليت ۽ استادن جي پڙهائي مان مطمعن نه آهيان شاگردن جي لحاظ کان استاد تمام گهٽ آهن. وڏي وزير ڊائريڪٽر ايجيوڪيشن اسلم بيگ کي سڏي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي سخت پڇاڻو ڪيو.وڏي وزير ڊائريڪٽر ايجيوڪيشن کي چيو ته توهان اسڪول جي انسپيڪشن ٿي نه ڪئي آهي اسڪول ۾ شاگرد تمام گهڻا آهن پر استادن جي ڪوٽ سبب ٻارن جو نقصان ٿي رهيو آهي.اسڪول جي انرول مينٽ 1671 آهي پنجاه استادن جي حڪم تي صرف اوٿنٽيه استاد ڪم ڪري رهيا آهن آئون شاگردن جي قابليت ۽ استادن جي پڙهائي مان مطمعن نه آهيان،شاگرد اسان جو اولاد آهن تعليم تي ڌيان نه ڏنو ته اسان جو معاشرو ڪيئن ترقي ڪندو.نگران وڏي وزير انهي دوران ڪمشنر ميرپورخاص کي هدايت ڪندي چيو ته ڪمپيوٽر ليب ٺهڪ ڪري مونکي جلد رپورٽ ڏني وڃي.بعد ۾ نگران وڏي وزير روول هيلٿ سينٽر اسلام ڪوٽ جو دورو ڪيو جتي هن ميل واردِ سميت ايمرجنسي وارڊ جو دورو ڪيو. ايمرجنسي وارڊ ۾ بيڊ گهٽ ۽ آڪسيجن ڀرپور نه هجڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ايمرجنسي وارڊ 3 بيڊ آهن جڏهن ته 6 هجڻ گهرجن.حيرت جي ڳالهه آهي ته ايمرجنسي وارڊ ۾ آڪسيجن جو هڪ به سلينڊر ناهي.انهي دوران ڊي ايچ او ڊاڪٽر باقر جتوئي تي وڏي وزير سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته اسپتال جو ايڊمنسٽريٽر پنهنجو ڪم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو آهي. ان موقعي تي سيڪريٽري صحت ڊاڪٽر منصور ۽ ڊي جي صحت پڻ موجود هئا.وڏي وزير چيو ته بي بي ايچ آءِ اسلام ڪوٽ اسپتال هلائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي.نگران وڏي وزير سنڌ بي بي ايچ آءِ کي وضاحت پيش ڪرڻ جو حڪم پڻ جاري ڪيا. وڏي وزير چيو ته آر ايچ سي ۾ 47 ڊاڪٽر هجڻ گهرجن پر 18 ڪم ڪري رهيا آهن بي بي ايچ آءِ آر ايچ سي جي پوري اسٽاف کي پڪهار ڏني وڃي ٿي پر انهن مان اڌ ڊاڪٽر آهن.انهي دوران هن آر ايچ سي اسلام ڪوٽ کي ڏنل اضافي رقم واپس وٺڻ جي هدايت ڪئي. سنڌ جي نگران وڏي وزير ليب، او پي ڊي سميت ٻارن جو واردِ جو معائنو ڪيو انهي دوران عورتن دوائون نه ملڻ جون شڪايتون ڪيون، نگران وڏو وزير اسپتال کان ٻاهر نڪتو ته سامهولوهار محلا ۾ پيل گندگيءَ جا ڍير ڏسي گاڏي مان لهي آيو.ڊي سي شهرباڪر عبدالحليم جاڳراڻي کي سڏي سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي چيو ته هي شهر جي حالت آهي گهرن جي پرسان گندگي جا ڍير لڳل آهن جيڪا شرم جهڙي ڳالهه آهي چوصفائي سٿرائي ناهي رپورٽ ڏني وڃي. بعد ۾ نگران وڏي وزير اسلام ڪوٽ ۾ بند پيل ايشيا جي بي وڏي آر او پلانٽ جو دورو ڪيو جتي وڏي وزير کي بريفنگ ڏيڻي ٻڌايو ويل ته سنڌ ڪول اٿارٽي آر او پلانٽ لڳايو هو جيڪو 2015ع کان 2021ع تائين فعال رهيو.بعد ۾ اوسلو ڪمپني کي 380 ملين روپيا ڏنا ويا.انهي دوران نگران وڏي وزير سنڌ اوسلو ڪمپني خلاف فوري انڪوائري جو حڪم ڏنو.اوسلو مان رقم وصولي جي هدايت پڻ ڪئي. نگران وڏي وزير سنڌ جي سيڪريٽري پبلڪ هيلٿ شاهزمان قبضو کي فوري طور تي آر او پلانٽ شروع ڪرڻ جو حڪم ڏنڏي چيو ته پلانٽ جي بحالي لاءِ.اين اي ڊي ۽ پي سي ايس آءِ آر کان مدد ونو هي آر او پلانٽ 1.5 ايم جي ڊي جو آهي. هڪ هفتي اندر آپريشنل ڪري مون کي رپورٽ ڏني وڃي. اربين روپين جو پلانٽ آهي جيڪو بند پيو عوام لاءِ بي لاپ بڻيل آهي جلد چالو ڪري رهواسين کي صاف پاڻي مهيا ڪيو وڃي. ڪوليو وڃي.نگران وڏو وزير جاٽورن جي اسپتال جو پڻ دورو ڪيو جتي ڪين چوپايو مال توڙي هلندڙ وڻڪسين مهم توڙي سهوليتن جي اٿاٽ بابت بريفنگ ڏني ويئي.نگران وڏي وزير سان گڏ نگران وزير اطلاعات احمد شاهه.نگران صوبائي سيڪريٽري نياز عباسي.ڊاڪٽر منصور. ريحان بلوچ. ڪمشنر ميرپور شڪيل احمد اڪيلي.ڊي آءِ جي تنوير آلم اوڊو.ڊپٽي ڪمشنر ٿر عبدالحميد جاڳيراڻي.سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ عبدالحفيظ سيال ۽ ٻيا گڏ هئا.جڏهن ته نگران وڏي وزير جي اوچتي دوري سبب انتظاميه ۾ ٿرٿلو مٿل رهيو.صفائي ڪندڙ عملو گندگي جي شڪايت بعد ٻيلچا ڪٽي رونو تي پهچي ويو جتي هنگامي بنيادن تي صفائي ڪرائي پئي وئي.

بقايا سنڌيار 04

جون صحافين اڳيان ڏانهون، تفصيل موجب ڪراچي لسبيلي جي رهائشي ڪرن ولد بيجل رائوڙ سامارو ۽ منتي عمر جان سرهندي جي نگراڻي ۾ قلمو پڙهي مذهب تبديل ڪرڻ بعد سندس اسلامي نالو عائشه رکيو ويو آهي. عائشه لاڙڪاڻو باقراڻي واسي نوجوان سيوو خان سان ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ پيار جو پرٽو ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف پريسي جوڙي ملير جي صحافين اڳيان ڏانهين آهي ته اسان پنهنجي مرضي سان پيار جو پرٽو ڪيو آ هر مائٽ مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. اسان جي جان کي خطرو آهي. انهن مطالبو ڪيو ته آهي ته اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

ته پانڌيڻوا پري پري کان پهچڻ شروع ٿي ويا آهن ملهن جا وڏا مقابلا ٿيندا. تفصيل موجب سڪيون پرسان سنڌجي صوفي بزرگ حضرت دائود شاهه جهانيان جو 78هون عرس مبارڪ جو تقريبون شروع ٿي ويون آهن جنهن دوران ميلي ۾ ملهه جي ملاکڙي لاءِ گرائونڊ تي ملهون جا وڏا مقابلا ٿيندا جنهن ۾ سنڌ پنجاب جا ملهه پهلوان زور آزمائي لاءِ ميدان تي لنهندا. جڏهن ته گذريل ڏينهن دادلي سرڪار جي عرس جي حاضري پرڻ لاءِ لاڙڪاڻو، نوشهرو فيروز نوابشاه دادو ضلعن سميت سنڌ جي مختلف ضلعن کان عقيدتي مند پهچن شروع ٿي ويا آهن. ميلي ۾ ٻارن جي توڙي وڏن جي تفريح لاءِ جهولا، ٽيڪيون سرڪس جڙيا گهر، ميڄڪ شو سميت ٻيا عوام جي ڏسڻ جو مرڪز رهيا.

بقايا سنڌيار 06

ڪي مات ڏئي ڇڏي. سنڌ حڪومت جي تعاون سان هلندڙ فلاحي اداري (اين جي وي) طرفان هوشيار شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني وئي. وڏو اسڪول ۾ پروقار تقريب. مهمان استادن کي خراج تحسين پيش، تنصيل موجب وڏو جي هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ مقامي سماجي تنظيم شدرت المنتهه اويئرنس سينٽر جي ارنر سر اڪرم عباسي طرفان سجاول ضلع ۾ وڏو هاير سيڪنڊري اسڪول جي ڇٺن هوشيار شاگردن جواد احمد، محمد شاف، محمد حنيف ۽ محبوب علي طرفان اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ جي اعزاز ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ گستا اڳواڻن عبدالرحيم قاضي، احمد عباسي، آفتاب پليجو، پرنسپال ويرجي مل، غلام قادر سومرو، نور احمد ميمڻ، پروفيسر عبدالعظيم لغاري، مشتاق سومرو، امداد فاضلاڻي، حسن چوهان، رفيع رضا پٽو، عبدالرسول سومرو، شاهد سومرو، حافظ غياث سميت ٻين استادن شاگردن ۽ صحافين وڏي اڻڪ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي استاد اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته وڏي جي هاير سيڪنڊري اسڪول جي ڇٺن شاگردن سڄي ضلعي ۾ تعليمي معيار جي لحاظ سان پاڻ ملهائي اسڪالرشپ حاصل ڪئي آهي، ان ۾ هن اسڪول جي قابل استادن جو وڏو ڪردار آهي. هنن شاگردن جي والدين ۽ سول سوسائيٽي تي زور پريو ته آهي استادن جي محنتن ۽ جفاڪشين تي سندن واڪاڻ ۽ همت افزائي ڪن ته جيئن استادن جا حوصلا وڌيڪ بلند ٿين.

بقايا سنڌيار 07

آر او آفيس مان پي ايس 20 خانگڙه جي صوبائي نڪ تي اليڪشن وڙهڻ لاءِ نامزدگي فارم وصول ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ خانگڙهه آر او آفيس مان جي يو آءِ جي ضلعي امير مولانا اسحاق لغاري، حبيب الله عرف عبدالمجيد خان گبول، پي ٽي آءِ جي عبدالرزاق گڏاڻي، آزاد اميدوار عبدالله گڏاڻي سميت ٻين مختلف اميدوارن نامزدگي فارم وصول ڪري ورتا آهن جڏهن ته نامزدگي فارم وصول ۽ جمع ڪرائڻ جو سلسلو سڀاڻي پڻ جاري رهندو

بقايا سنڌيار 08

ڪري ورتي آهي، متحده جي مرڪزي ڪنوينر خالد مقبول صديقي پائي سينيٽر ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فاروق ستار پائي سينيٽر ڊپٽي ڪنوينر مصطفيٰ ڪمال پائي ڊپٽي ڪنوينر انيس قائمخاني پائي ڊاڊو زون انچارج بابر پائي زون ڪميٽي ۽ الڪشن سيل ڪميٽي لاءِ ڪميٽي، يوٽ ڪميٽي اڳواڻن علي بخش سولنگي، محمد عيسيٰ سولنگي پائي ۽ برادرين سميت ڊاڊو جي عوام جو ساٿ ۽ تعاون رهيو ته ڊاڊو مان ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي ۽ ايم اين اي جي سيٽون ڪٽي عوام جي خدمت ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 09

خلاف 129ڏينهن به سڪر جي صحافين احتجاجي تحريڪ جاري رکندي سڪر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي ٻک هڙتال وارو سلسلو ايس يو جڻي نائب صدر خالد بانيڻ جي اڳواڻي ۾ جاري رکيو۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي سڪر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تابائي، انس گهانگهرو، آصف لوڌي، سحرش ڪوڪر،عمر سومرو، جلال الدين پيرو،شوڪت راهي، جهانزيب وسير، نادر خان، بخش علي ڦلپوٽو،بابر ڪوڪر، صلاح الدين سميجو، يار محمد سومرو،نادر خان، مرتضيٰ جوڻيجو، ناصر جعفري، شاه ولي،،محمد علي سولنگي، عبدالغفور شيخ، جي ايم شيخ، ارشاد ڊنڊ، سجاد سنجراڻي، اسلم ڊاير انس ملڪ، عقيل احمد، نادر سنجراڻي، اصغر عباسي ۽ ٻيا موجود هئا سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مخدوم بلال محمد ابراهيم ڪوڪر ۽ ٻين ڪجهتي جو اظهار ڪندي قاتل گرفتار نه ڪرڻ جي مذمت ڪئي، ان موقعي تي صحافي اڳواڻن چيو ته اڄ شهيد جان محمد مهر جي وڃوڙي کي 4 مهينن کان وڌيڪ جو عرصو گذري ويو آهي پر قاتلن پيلن ۾ ٻاهر مائٽن وٽ محفوظ آهن پوليس ۽ حڪمرانن جي خاطرين ۽ عدالت جي حڪمن کانپو، به اصل قاتل آزاد آهن اهڙي ظلم خلاف پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ طرفان شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري تائين احتجاجي تحريڪ تيز ڪئي وئي آهي ان ڏس ۾ 23ڊسمبر تي سڄي سنڌ جي پريس ڪلبن ٻاهران علامتي ٻک هڙتال ڪئي ويندي 6 جنوري 2024 تي سڪر پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنونيشن منعقد ڪيو ويندو، جيستائين قاتلن کي زنده حالت ۾ قانون جي ڪٺهڙي ۾ نه آندو وڃي.

بقايا سنڌيار 10

ڪرڻ وارو عمل شروع ٿي ويو آهي، اربع ڏينهن نامزدگي فارم وصول ڪندڙن ۾ پيپلزپارٽي، جي ڊي اي، مذهبي پارٽين سميت آزاد اميدوار شامل آهن ٽنڊوباگو جي اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ريٽرننگ آفيسر ثناءُ الله صدر جي آفيس مان جي ڊي اي اڳواڻ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا، اڳوڻي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا، اڳوڻي ايم پي اي بئرسٽر حسنين مرزا، حسام مرزا سميت جي ڊي اي ۽ مرزا گروپ جي 12 ڇٺن سميت 19 ماڻهن جا فارم ورتا ويا آهن جڏهن ته جي ڊي اي جي اڳواڻ ناصر خان نظاماڻي، ٽنڊوباگو شهر جي سينئر صحافي ڊاڪٽر دوست محمد چانڊيو پاران پي ايس 70 تي جوڻڊ وڙهڻ لاءِ فارم ورتو ويو آهي. جڏهن ته پيپلزپارٽي ضلعي بدين جي جنرل سيڪريٽري حاجي سائين بخش جمالي جي پاءُ آباڏگار اڳواڻ شاهنواز خان جمالي پاران پي ايس 70 تي اليڪشن وڙهڻ لاءِ ريٽرننگ آفيسر ٽنڊوباگو کان نامزدگي فارم وصول ڪيو پي ايس 70 تي پيپلزپارٽي سان تعلق رکندڙ ارباب امير امان الله، ميرو قاراحمد تالپر، مير منظور احمد تالپر، جماعت اسلامي سان تعلق رکندڙ مولوي عبدالڪريم بليدي، مذهبي اڳواڻ پاڪستان راهه حق پارٽي جي مولوي عبدالله سنڌي، جمعيت علماءُ اسلام جي حافظ عبدالواحد ميمڻ، آزاد طور تي ارباب محمد عالم، ارباب انعام الله، علي اڪبر ليل، ساجد علي ڪوسو، پوٽو ڪولهي ۽ ٻيا شامل آهن. فارمن وٺڻ وارو سلسلو اڄ به جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 11

جون ڳالهيون ٻڌي ٻنهي ڌرين کي پاڪر پارايا ويا ۽ فيصلي کانپو اڳتي لاءِ ڪنهن به ڌر اڳرائي ڪئي نه ڏني وڏو ويندو فيصلي ۾ سياسي ۽ علاقائي ماڻهن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي وسيم ملاح، علي مراد، شفيع محمد، بشير احمد ۽ سينئر صحافي اسدالله ميمن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 12

عرف بادشاه گهانگهروطرفان تعليمي ماهر اڳوڻو ڊين فيڪئلٽي آف آرٽ شاه عبدالطيف يونيورسٽي، خيرپور پروفيسر ڊاڪٽر تاج لاشاري ريٽائرڊ ٿيڻ سندس آجيائيو ڏنو ويو. ان موقعي تي تاج لاشاري ڳالهائيندي چيو ته نوجوانن کي وڌ کان تعليم تي توجه ڏئي پنهنجي روشن مستقبل بابت سوچڻ گهرجي چوته هن وقت دنياڏاڍي فاست ٿي چڪي آهي جيڪڏهن ان سان گڏ نه هلنداسين ته پلٽي رهجي ويندا سي جديد دور جي تقاضا ئن موجب زندگي کي گذارڻ گهرجي. ان موقعي تي غلام مرتضي گهانگهرو ڳالهائيندي چيو ته پروفيسر تاج لاشاري پنهنجي سڄي چمار تعليم جي سڌارن واڌارن کي ڏني آهي هن پنهنجي علم ۽ شعور جي روشني سان باشعور ۽ باصلاحيت شاگرد پيدا ڪيا آهن جيڪي هن وقت وڏي ن پوسٽن تي پهتل سندس جا ٿورا وقت ڪڍي اسان کي اڄي مان ڏنو آهي. ان موقعي تي مهمانن کي اجرڪ پارائڻ سان گڏ ڌنر جو پڻ احتمام ڪيو ويو. تقريب ۾ ڊاڪٽر علي رضا لاشاري ،چيئرمين شفيق احمد پيرزادو ،ڪي ڊي مهر ،اسد عباس ،عبدالباسط گهانگهرو محسن گهانگهرو، رشيد رحمت، نويدعلي لاشاري، عباس لاشاري ۽ ٻين شرڪت ڪئي.ياد رهي ته تاج لاشاري انٽرنيشنل ريليشن ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر ٿو خدمتون سرانجام ڏنيون.

بقايا سنڌيار 13

مرتضيٰ مري، نبي بخش مري، سلطان مري، گل حسن مري، انور مري، ثناءالله مري ۽ ٻيا ملي پڪٽ ڪري 15 ايڪڙ زرعي زمين تي قبضو ڪري ٿي ايڪڙ ڪمند جو فصل پيلائي چڏيو آهي ۽ مون کي لکين روپيا نقصان ڏنو آهي ۽ مونکي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ اهو پڻ چيو ته اگر زرعي زمين تي ايندا ته توهان کي نقصان پهچائيندا سين هن نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان گهر ڪئي ته قبضا گروپ کان 15 ايڪڙ زرعي زمين نان قبضو ختم ڪرائي تحفظ ڏيارجو وڃي.

بقايا سنڌيار 14

تفصيل موجب ڪراچي جي علاقي فقيرا گوٺ مان چار ڏينهن اڳ گهرن نڪتل نوجوان ساجد عالماڻي گهر واپس نه موٽڻ ۽ فون نمبر بند هجڻ ڪري وارثن پاران حد ٿائي تي به اطلاع ڪيو هو ليڪن ڪو ڏس پتو نه مليو.5 ڏينهن گذري وڃڻ کان پوءِ گذريل رات دير سان نوجوان جو سؤيل لاش گلشن معمار پوليس کي مليو جنهن فون ڪري وارثن کي اطلاع ڪيو. ان موقعي تي وارثن ٻڌايو ته اسان جي ڪنهن سان به ڪا ذاتي دشمني ناهي اسان سان انصاف ڪيو وڃي. اسان جي نوجوان کي بيدردي سان باهه ڏئي ساڙي قتل ڪيو ويو. وارثن ٻڌايو ته گذريل رات دير سان گلشن معمار ٿاڻي جي پوليس کي سؤيل لاش ملڻ تي پوليس اسان کي اطلاع ڏنو ته هڪ لاش اسان کي مليو آهي جنهن جي سجاڻپ ان تي لٿي جنهن بعد وارث لاش جي سجاڻپ لاءِ ٿاڻي تي پهچي لاش جي سجاڻپ ڪئي. ضروري ڪارروائي ڪانپو، نوجوان جو لاش گهر آندو ويو جنهن ڪري گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. ان موقعي تي گلشن معمار پوليس پنهنجو موقف ڏيندي چيو ته 16 ڊسمبر تي ساجد عالماڻي گهران نڪتو هو بعد ۾ گهر واپس نه موٽيو ۽ فون نمبر بند رهيو جنهن بعد اسان کي اطلاع مليو ته هڪ سؤيل لاش مليو جنهن بعد اسان نوجوان جي وارثن کي اطلاع ڏنو جنهن تصديق ڪري لاش وصول ڪيو. وڌيڪ پوليس ان ڪيس کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪندي قاتلن کي جلد گرفتار ڪري سزا ڏني ويندي.

بقايا سنڌيار 15

واسي امام دين مشوري جي نياڻي شائلا گهران نڪري وئي هئي. جنهن جو فريڊيڊر پوليس ڪوڙو الزام ڊاڪٽر اعجاز سولنگي جي مٿان لڳائي ڪوڙي FIR داخل ڪئي وئي آهي جنهن جي سخت لفظن ۾مذمت ڪريون ٿا. جنهن ڪانپو، ڊاڪٽر اعجاز سولنگي جي غير موجودگي ۾ فريد ديرو پوليس ايس ايچ او لاڙڪ علي زرداري ۽ ٻين پوليس اهلڪارن جي گهر تي چادر چوديواري جو تقدس پائيمال ڪندي گهر ۾ ڪاهه ڪري عورتن سان بدتميزي ڪري تشدد ڪيو ويو، اسان آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ٿا ڪريون ته نوٽيس وٺي ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري ڊاڪٽر اعجاز سولنگي تان ڪوڙي ايف آئي آر ختم ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 16

تي 50. پي ايس 34 تي 48، پي ايس 35 تي 25 اميدوارن نامزدگي فارم ورتا. پي ايس 34 تي پي پي جي متوقع اميدوار ۽ ممتاز چانڊيو، عثمان عالماڻي، مولابخش ميجو۽ جي ڊي اي جي غلام رسول عرف عاقب جتوئي، مسرور جتوئي، جي يو آءِ جي عبدالرحمان ڏنگراڻ ۽ ٻين نامزدگي فارم ورتا. اين اي 206 تي پي پي جي متوقع اميدوارن ۾ ذوالفقار علي ٻهڻ، فيروز احمد جماڻي، جي ڊي اي جي مسرور جتوئي، عاقب جتوئي، غلام مرتضيٰ جتوئي ۽ ٻين نامزدگي فارم ورتا.

بقايا سنڌيار 17

جو اظهار ڪندي صحافي اتحاد جي اڳواڻ غلام حسين چانگ سميت 22 صحافين مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف رائيپور کان سجل سرمست تائين پيادل مارچ ڪري ڌرڻو هنيو ويو ويو. صحافي اتحاد جي سرواڻ غلام حسين چانگ ضلعي خيرپور جي صدر جمال محمود کهڙو سينئر صحافي محمد بچل هنگورو، صوفي ياسين راجپر سنيل ڪمار، مريد حسين راجپر، ميان اسد الله چنا ،شبير جعفري ،گلاب سيال زاهد سامتيو لعل ڏنو سهتو ، نظير سولنگي، فياض سولنگي، رزاق لاشاري ،جي اڳواڻي ۾ رائيپور کان سجل سرمست جي درگاه تائين پيادل ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي صحافين سخت نعري بازي ڪئي سجل سرمست جي درگاه تي پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته گذريل چار مهينا آڳ سڪر جي وچ شهر ۾ ڏينهن ڏئي جو سنڌ جو هڪ نالوياري صحافي جان محمد مهر کي بي گناه قتل ڪيو ويو پر افسوس ايترو وقت گذرڻ باوجود سندس هڪ به قاتل گرفتار نه ٿي سگهيو آهي جيڪا شرم جهڙي ڳالهه آهي هر وقت پوليس ۽ سنڌ حڪومت خالي ڳالهيون ڪري ٿي پر ڪوئي به نتيجو هن وقت تائين ناهي ملڻ جنهن ڪري سڄي سنڌ جا صحافي سراپا احتجاج آهن ۔ هنن چيو ته جلد شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي جڏهن ته خيرپور ضلعي جي صحافي غلام اصغر ڪنڊ کي پڻ بي دردي سان شهيد ڪيو ويو پر سندس قاتل ڌر جا ماڻهون سندس وارثن کي قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن شهيد اصغر ڪنڊ جي وارثن کي تحفظ ڏئي سندس قاتلن کي قاسي تي چاڙهيو وڃي ۽ هنگورجام 22 صحافين مٿان داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي پي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا سنڌيار 18

دڪان تان ايزي لوڊ ڪرائي واپس وڃي رهيو هو ته مٿس قاتلانو حملو ڪيو ويو هو ڪيبرائي ٿائي تي ڪيس پڻ داخل ڪرايو ويو ايف آءِ آر ۾ ميرحسن شاهه جاڻايو آهي ته ڪجي ۾ بالا آفيسر جي حڪم تي قبضا مافيا خلاف آپريشن ڪري رهيا هئاسين ته نالي صاحب ڏنو ڪوسو ڏمڪي ڏني هئي جنهن بعد واپسي آياسين ته ڪيبر اسٽاپ وٽ گارڊنڊ ڪندي ڪوسا برادري جا ماڻهون لوهي سريا پسٽل ۽ لنين سان هلان ڪري اسان جي مٿان تشدد ڪري مارڻ جي ڪوشش ڪئي منهنجي ڪرولا ڪار کي لوهي راڊن لنين سان ڏڪ هڻي ڪافي نقصان پهچايو جوابدار ظهور احمد عرف ڪالو ڪوسو VIVO ٽچ موبائيل ۽ 30 هزار روپيا روڪ رقم قرڪئي آهي آج فاريسٽ جي زمينن تان قبضا ختم ڪرايا هئا جنهن ۾ صاحب ڏنو ڪوسو ڏمڪيون ڏئيون هيون جنهن جي چرچ تي جوابدارن لنين لوهي راڊن سان حملو ڪيو آهي ايف آءِ آر ڪيبرائي ٿاڻي تي پنجن 5 جڻن هرهڪ (1) ظهور احمد عرف ڪالو ڪوسو(2) محمد حسن عرف ڏاڏو ڪوسو (3) رفيق احمد ڪوسو (4) نجم دين ڪوسو ۽ (5) محمد عمر ملاح تي داخل ڪرائي وئي آهي آخري اطلاع نائين ڪاب گرفتاري عمل : اچي سگهي آهي

بقايا سنڌيار 19

هڪ دڪان کي سيل ڪيو ويو. جڏهن ته ڪيترن ئي دڪانن تي 42 هزار روپيا ڏنڊ پڻ لڳايو ويو آهي. ان موقعي تي هن 60 هارين کي مختلف دڪاندارن کان پاڻ جي رکڙي ۾ وصول ڪيل اضافي رقم پڻ واپس ڪرائي. ان موقعي تي هن دڪاندارن ۽ ڊيلرز کي چتاءُ ڏنو ته هو مقرر اگهه تي پاڻ رکڙو ڪن. پي صورت ۾ سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 20

۾ اسڪول جي بارڙن مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا جڏهن ته اسڪول انتظاميا پاران آيل مهمان چيئرمين ضلعي ڪائونسل سيد ڪميل حيدر شاهه جو شاندار استقبال ڪيو۽ ڪيس سنڌ جي ثقافت اڳرڪ جو تحفو پيش ڪيو ويو. تقريب کي خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيئرمين سڪر ضلعي ڪائونسل سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته پاڪستان ۾ عيسائي برادري سميت سيني اقليتن کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي. قائداعظم محمد علي جناح پاڪستان جي قيام کانپو، پهريون اعلان ڪيو ته پاڪستان ۾ هر مذهب جا ماڻهو پنهنجي عبادت گاهن مسجدن، مندرن ۽ گرجا گهرن ۾ مڪمل آزاد آهن. پيپلز پارٽي به مذهبن جو احترام ڪري ٿي ۽ هر فورم تي اقليتن جي پرپور حمايت ڪري ٿي. ڪشمير سميت فلسطين ۾ مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم ۽ بربريت خلاف سڄي دنيا سراپا احتجاج آهي. دنيا جي ڪا به باشعور قوم اهڙن ظلمن جي حمايت نٿي ڪريسگهي.سيد ڪميل حيدر شاهه وڌيڪ چيو ته چونڊن ۾ سمورين پارٽين کي چونڊ مهم هلائڻ جا برابر موقعا ملڻ گهرجن. سياست ۾ مقابلي تي ته پر ڪارڪردگيءَ تي يقين رکان ٿو، اميدوار هوندا آهن. پهريان مخالف پارٽيون پنهنجا اميدوارن بيهارين ۽ عوامي خدمت ۽ منشور پيش ڪن پيپلز پارٽي جي خدمت عوام اڳيان آهي پيپلز پارٽي رت صدر کان ڪونسلرجا اميدوار به موجود آهن پاڪستان پيپلز پارٽي 8 فيبروري تي ڪاميابي ٿي عوام کي پيغام ڏيندي ته پيپلزپارٽي ملڪ جي سڀ کان وڏي سياسي پارٽي آهي.

بقايا سنڌيار 21

ٿي ويا، ڊي ايس پي ٽنڊو محمد خان آغا عبدالمجيد ۽ ايس ايچ او بي سيڪشن عاشق احمد لنڊ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو آهي ته ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي هدايتن تي ضلعي اندر بدامني ، منشيات سميت سماجي برائين کي روڪڻ لاءِ ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي. ٽنڊو محمد خان شهر پرسان چشمل موري وٽ ڪارروائي ڪئي وئي جتان موٽر سائيڪل چورين ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول ٻڙڙي کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ 2 جوابدار فرار ٿيا ۽ ڪامياب ٿي ويا جن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس ٽيمون چاپا هڻي رهيون آهن ، گرفتار جوابدار وٽان پسٽل ۽ برآمد ڪيو ويو آهي ۽ جوابدار جي نشاندهي تي ڳوٺ بخشو ٻڙڙي جي قبرستان اندر لڪايل 7 چوري ٿيل موٽر سائيڪلون برآمد ڪيون ويون ، جن مان 4 ٽنڊو محمد خان ۽ 3 حيدرآباد جون چوري ٿيل موٽر سائيڪلون شامل آهن

بقايا سنڌيار 22

سنڌي ٽويين بوسڪي جي پٽڪن لنڪين ۽ اجرڪن ۽ ثقافتي ريس رڳا ٻائي پريور شرڪت ڪئي تقريب دوران ثقافتي قومي ڪيتن تي شاگرد جهمريون هني رقص ڪندا رهيا جڏهن ته شاگردن ۽ شاگردياڻين ثقافت جي حوالي سان تقريرون ڪندي ٽيبلوز پيش ڪيا ته پنڊال ۾